روزاني
سنڌيار
سکر
ايڈيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد پهريون) آچر 22 جنوري 2023ع بمطابق 29 جمادي الثاني 1444ھ (قيمت 10 روپيا) شمارو 240

عمران خان جو شوڪت خانم اسپتال جي فنڊن جي نجي هائوسنگ پراجيڪٽ ۾ سيڙپڪاري جو اعتراف

دسترڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽ اسلام آباد ۾ اڳوڻي وزيراعظم عمران خان طرفان خواجا آصف خلاف 10 ارب رپين جي ڏنڊ جي ڪيس جي ٻڌڻي ٿي

ڪيس جي ٻڌڻي ايڊيشنل سيشن جج اميد علي بلوچ ڪئي، خواجا آصف جو وڪيل حيدر رسول مرزا عدالت جي روبرو پيش ٿيو، عمران خان جو وڪيل نعمان فاروقي به عدالت ۾ موجود رهيو

خواجا آصف جي وڪيل عدالت ۾ رهندي عمران خان کان وڊيو لنڪ ذريعي آڏي پڇا ڪئي ۽ عمران خان کان شوڪت خانم جي هائونسگ پراجيڪٽ ۾ سيڙپڪاري بابت سوال ڪيا

شوڪت خانم جي بورڊ طرفان مون کي ان حوالي سان ٻڌايو ويو هو، ان وقت ياد ناهي ته هائونسگ پراجيڪٽ جو نالو ڇا هو: پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان

ڇا توهان کي بورڊ طرفان ان حوالي سان لکت ۾ آگاهه ڪيو ويو هو؟ ان وقت ياد ناهي لکت طور ڪيو ويو هو يا نه، اهي بورڊ ميمبر طرفان واپس جمع ڪرايا ويا هئا ته معاملو ختم ٿي ويو

معاملو ختم ناهي، معاملو ته اتان شروع ٿو ٿئي، 3 ملين جي سيڙپڪاري ڪئي وئي ته ان وقت ڊالر جو ريٽ 60 روپيا هو، جڏهن واپس آيا ته 120 روپيا هو: خواجا آصف جو وڪيل

اسلام آباد (ر ڀ) تحريڪ انصاف چيئرمين عمران خان شوڪت خانم جي فنڊن جي نجي هائوسنگ پراجيڪٽ ۾ سيڙپڪاري جو اعتراف ڪيو آهي، دسترڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽ اسلام آباد ۾ اڳوڻي وزيراعظم عمران خان طرفان خواجا آصف خلاف 10 ارب رپين جي ڏنڊ جي ڪيس جي ٻڌڻي ٿي، عمران خان وڊيو لنڪ ذريعي پيش ٿيو ڪيس جي ٻڌڻي ايڊيشنل سيشن جج اميد علي بلوچ ڪئي، خواجا آصف جو وڪيل حيدر رسول مرزا عدالت جي روبرو پيش ٿيو، عمران خان جو وڪيل نعمان فاروقي به عدالت ۾ موجود رهيو، خواجا آصف جي وڪيل عدالت ۾ رهندي عمران خان کان وڊيو لنڪ ذريعي آڏي پڇا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

ڪراچي جي ڪمشنر شهر ۾ اٽي جا نوان اگهه مقرر ڪري ڇڏيا

عام اٽي جي قيمت 98 روپيا ۽ چڪي جي اٽي جي قيمت 105 روپيا في ڪلو مقرر ڪئي وئي آهي

شهر ۾ ايڪس فلور مل 95 روپيا ۽ ريٽيل ۾ اٽي جي قيمت 98 روپيا في ڪلو ٿي وئي: ڪراچي ڪمشنر

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي ڪمشنر شهر ۾ اٽي جا نوان اگهه مقرر ڪري ڇڏيا، عام اٽي جي قيمت 98 روپيا ۽ چڪي جي اٽي جي قيمت 105 روپيا في ڪلو مٽرر ڪئي وئي آهي، ڪمشنر طرفان ٽئي ڪيل اگهن موجب شهر ۾ ايڪس فلور مل 95 روپيا ۽ ريٽيل ۾ اٽي جي قيمت 98 روپيا في ڪلو ٿي وئي، ڪراچي جي ڪمشنر سوجب چڪي جي اٽي جي ريٽيل قيمت 105 روپيا في ڪلو مقرر ڪئي وئي آهي. واضح/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

اليڪشن ڪميشن پنجاب جي نگران وڏي وزير جي مقرري لاءِ اجلاس طلب ڪري ورتو

اسلام آباد (ر ڀ) چيف اليڪشن ڪمشنر سڪندر سلطان راجا نگران پنجاب جي وڏي وزير جي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

ملڪ جي 80 سيڪڙو آبادي کورونا سان متاثر آهي: چيني سائنسدان جو چرڪائيندڙ انڪشاف

بيجنگ (ر ڀ) چين جي هڪ مڃيل سرڪاري سائنسدان جيو وڏي وزير سيڪڙو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

چوڌري نثار قومي ۽ صوبائي اسيمبلي جي چونڊ وڙهڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو

ن ليگ سان رابطا هاڻ به آهن پر پارٽي ۾ شموليت جو فيصلو چونڊن کانپوءِ ڪنداسين: چوڌري نثار علي خان

عمران خان سان دوستي ضرور آهي پر تحريڪ انصاف ۾ شامل ٿيس ته دوستاٽا لاڳاپا متاثر ٿي سگهن ٿا

مون 2018 ۾ آزاد حيثيت سان قومي اسيمبلي جي هن ۽ صوبائي اسيمبلي جي هڪ سيٽ تي چونڊ وڙهي هئي

راولپنڈي (ر ڀ) اڳوڻي وفاقي وزير چوڌري نثار علي خان قومي ۽ صوبائي اسيمبلي جي چونڊ آزاد حيثيت ۾ وڙهڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو خانگي ٽي وي چينل جي پروگرام ۾ ڳالهائيندي

چوڌري نثار چيو ته ن ليگ سان رابطا هاڻ به آهن پر پارٽي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

راولپنڈي: اڳوڻو وفاقي وزير چوڌري نثار علي خان پريس ڪانفرنس ڪندي

مريم نواز جي وطن واپسي، سندس پرپور استقبال جو فيصلو

لاهور (ر ڀ) مسلم ليگ ن مريم نواز جي وطن واپسي تي استقبال ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. مسلم ليگ ن جي چيف آرگنائيزر مريم نواز جي وطن واپسي جي حوالي سان لاهور ۾ پارٽي جو اجلاس ٿيو، جنهن ۾ مسلم ليگ ن جي صوبائي اسيمبلي ميمبرن شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

هيلري ڪلنٽن خلاف ڪيس داخل ڪرڻ سبب ٽرمپ تي لکين ڊالر ڏنڊ

اڳوڻي آمريڪي پرڏيهي وزير ۽ خاتون اول هيلري ڪلنٽن خلاف غيرسنجيدا ڪيس ڪرڻ تي ڏهه لک ڊالر جو ڏنڊ مڙهي ڇڏيو آهي

پنهنجي سياسي ايجنڈا جي پورائي لاءِ عدالتن جو ناجائز استعمال ڪرڻ تي اڳوڻي صدر ڊونلڊ ٽرمپ تي ڏنڊ هنيو ويو آهي: پرڏيهي ميڊيا

ڊونلڊ ٽرمپ هيلري ڪلنٽن خلاف 2016ع جي صدارتي چونڊن دوران ڏاڏلي جي دعويٰ ڪرڻ تي گذريل سال مارچ ۾ ڪيس داخل ڪيو هو

فلوريڊا (ر ڀ) آمريڪي عدالت اڳوڻي صدر ڊونلڊ ٽرمپ ۽ سندس وڪيل تي اڳوڻي آمريڪي پرڏيهي وزير ۽ خاتون اول هيلري ڪلنٽن خلاف غيرسنجيدا ڪيس ڪرڻ تي ڏهه لک ڊالر جو ڏنڊ مڙهي ڇڏيو آهي. پرڏيهي خابرو اداري موجب فلوريڊا جي متاسي عدالت جي جج ڊونلڊ ايم بروڪس پنهنجي فيصلي ۾ چيو آهي ته پنهنجي سياسي ايجنڈا جي پورائي لاءِ عدالتن جو ناجائز /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

پنجاب جي نگران وڏي وزير وارو معاملو، چيف اليڪشن ڪمشنر حرڪت ۾ اچي ويو

اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان پنجاب جي نگران وڏي وزير جي نالن جي پروفائل جي چنڊڇاڻ شروع ڪري ڇڏي آهي

ان کان اڳ پنجاب جي نگران وڏي وزير جي مقرريءَ تي پارلياماني ڪميٽي جي ناڪامي کانپوءِ اهو معاملو اليڪشن ڪميشن پهچي چڪو هو

پنجاب جي نگران وڏي وزير جي مقرريءَ لاءِ حڪومت ۽ اپوزيشن پاران تجويز ڪيل 2_2 نالا اليڪشن ڪميشن وٽ پهچي ويا

لاهور (ر ڀ) اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان پنجاب جي نگران وڏي وزير جي نالن جي پروفائل جي چنڊڇاڻ شروع ڪري ڇڏي آهي. سياڻي خاص اجلاس بعد نگران وڏي وزير جي نالي جو اعلان ڪيو ويندو. ڏاريءن موجب نگران وڏي وزير لاءِ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

فلسطين جي به رياستي حل بنا اسرائيل سان لاڳاپا معمول تي نه ايندا: ذريعا

اسرائيل جي نئين چونڊيل وزيراعظر نيتن ياهو آمريڪا ۾ قومي سلامتي جي صلاحڪار جيڪ سليوان سان ڳالهه ٻولهه ۾ سعودي عرب سان لاڳاپا معمول تي آڻڻ جي ڳالهه ڪئي هئي

بين عرب ملاکن کانپوءِ هاڻ سعودي عرب سان به معاهدو ڪرڻ چاهيون ٿا، اسان فلسطين جي به رياستي حل جي پنهنجي اصولي موقف تي قائم آهيون: اسرائيلي وزيراعظر

لاڳاپا معمول تي آڻڻ ۽ وچ اوڀر ۾ حقيقي استحڪام رڳو فلسطينين کي هڪ آزاد رياست ڏيڻ سان ٿي ايندو: سعودي پرڏيهي وزير شهزادي فيصل بن فرحان

رياض (ر ڀ) سعودي عرب هڪ پيرو ٻيهر واضح ڪيو آهي ته فلسطين جي به رياستي حل بنا اسرائيل سان لاڳاپا معمول تي نه ايندا. واضح رهي ته اسرائيل جي نئين چونڊيل وزيراعظر نيتن ياهو آمريڪا ۾ قومي سلامتي جي صلاحڪار جيڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

پنجاب جي نگران وڏي وزير جي مقرري لاءِ ڪميشن جو اجلاس طلب

اسلام آباد (ر ڀ) چيف اليڪشن ڪمشنر سڪندر سلطان راجا پنجاب جي نگران وڏي وزير جي مقرري لاءِ اجلاس طلب ڪري ورتو. پنجاب جي نگران وڏي وزير لاءِ حڪومت ۽ مخالف ڌر پاران تجويز ڪيل 2 نالا اليڪشن ڪميشن وٽ پهچي ويا آهن. ڏريعن جو چوڻ آهي ته چيف اليڪشن ڪمشنر پنجاب جي نگران وڏي وزير جي مقرري لاءِ اجلاس سياڻي طلب ڪري ورتو آهي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

ڪراچي: صوبائي وزير سعيد غني پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

پارٽ ۾ لائوڊ اسپيڪر تي آذان ڏيڻ تان 7 مسجدن تي ڏنڊ

پارٽي رياست اتراکنڈ جي هاءِ ڪورٽ پاران سخت شرطن تحت مسجدن ۾ لائوڊ اسپيڪر لڳائڻ جي اجازت ڏني آهي

انتظاميا ملڪ ۾ نفرت ۽ جڙڏيارڻ لاءِ آئي ڏينهن اڳتي قدم کڻي رهي آهي جنهن سان پارٽي مسلمانن پڌتر واري زندگي گهارڻ تي مجبور آهن

لائوڊ اسپيڪر بابت ظابطي جي پيڪڙي تي ستن مسجدن کي شوڪاز نوٽسز جاري ڪيا ويا آهن پر انهن مسجدن غيرتسلي بخش جواب ڏنا

هريدوار (ر ڀ) پارٽي رياست اترا ڪنڊ جي شهر هريدوار ۾ مقامي انتظاميا لائوڊ اسپيڪر تي تيز آواز ۾ آذان ڏيڻ جو الزام هيٺ 7 مسجدن تي ڏنڊ هڻي ڇڏيو. پارٽي رياست اتراکنڈ جي هاءِ ڪورٽ پاران سخت شرطن تحت مسجدن ۾ لائوڊ اسپيڪر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

مشن پليجو جاري رکڻ جو اعلان، وفاق جون سنڌ سان زيادتيون وڏي ويون: اياز لطيف

رسول بخش پليجي سنڌ جي عوام کي وقار سان جيئڻ سيکاريو، هارين مزدورن ۽ عورتن کي جدوجهد ذريعي سنڌ جو حقيقي محافظ بڻايو

سنڌ مان گئس نڪري ٽي پر سنڌ ۾ گئس جي لوڊشيڊنگ آهي، سنڌ ۾ عوام کي غلام بڻائڻ لاءِ الٽي جي هٿرادو ڪوٽ پيدا ڪئي وئي

سنڌ ۾ عوام کي بدحال بڻايو پيو وڃي، بلدياتي اليڪشن غير مقبول، غير جمهوري ۽ غير قانوني هئي، ووٽ خريد ڪيا ويا ۽ ڪوڙا نپا هنيا ويا

حيدرآباد (رپورٽر) قومي عوامي تحريڪ جو مرڪزي ڪنوينشن ۽ نامياري دانشور، قانوندان ۽ سياسي اڳواڻ (رپورٽر) قومي عوامي تحريڪ جو مرڪزي ڪنوينشن ۽ نامياري دانشور، قانوندان ۽ سالگرهه جي نقريب حيدرآباد جي مقامي هال ۾ منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ ايازلطيف پليجي، ڊاڪٽر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

حيدرآباد: قومي عوامي تحريڪ جو مرڪزي اڳواڻ ايازلطيف پليجو پريس ڪانفرنس ڪندي

آمدني کان وڌيڪ ملڪيتون ناهڻ واري ريفرنس ڪيس جي ٻڌڻي دوران آغا سراج درراني سميت ٻيا پيش ٿيا

ڪراچي (رپورٽر) احتساب عدالت ۾ صوبائي اسيمبلي جي اسپيڪر آغاسراج درراني سميت ٻين جي خلاف آمدني کان وڌيڪ ملڪيتون ناهڻ واري ريفرنس ڪيس جي ٻڌڻي دوران آغا سراج درراني سميت ٻيا پيش ٿيا .عدالت بغير ڪاروائي جي ڪيس جي ٻڌڻي 4فبيروري تائين ملتوي ڪري ڇڏي آهي .جڏهن آغا سراج درراني جي گهرواري پرڏيهي وڃن جي لاءِ درخواست /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

ڪنهن جوابدار خلاف ريفرنس واپس ٿي وڃڻ جو مطلب ڪيس مان ان جي بريت ناهي: عدالت

عدالت عاليا جي جسٽس محسن اختر ڪياني ۽ جسٽس ارباب محمد طاهر، آدم امين چوڌري ڪيس ۾ فيصلو جاري ڪري ڇڏيو

نيب ڪورٽس مان ريفرنس رڳو ٻين عدالتن ڏي منتقل ٿي سگهن ٿا، ريفرنس رڳو نيب کي واپس ڪرڻ جو قانون ۾ تصور موجود ناهي : اسلام آباد هاءِ ڪورٽ

نيب ڪيسن کي ٻين عدالتن ۾ منتقل ڪرڻ بابت احتساب عدالتن جي هر ممڪن مدد ڪري، نيب نيون حقيقتون سامهون اچڻ تي ضمني ريفرنس به احتساب عدالت جي اجازت سان داخل ڪري سگهي ٿو

اڪائونٽ منجمد ڪرڻ جا جاري ٿيندڙ حڪم به هاڻ نيون لاڳاپيل عدالتون ئي ختم ڪري سگهن ٿيون، سائفر سازش، سپريم ڪورٽ ۾ اپيل چيمبر ۾ ٻڌڻي لاءِ مقرر

آمريڪي سائفر ذريعي مبينا سازش تحت عمران خان جي حڪومت هٽائڻ جي جاچ جي معاملي تي سپريم ڪورٽ ۾ داخل چيمبر اپيلون ٻڌڻي لاءِ مقرر ڪيون ويون

چيمبر اپيلن جي ٻڌڻي جسٽس سردار طارق مسعود 24 جنوري تي ڪندو، درخواستون مبينا عالمي سازش ذريعي عمران خان جي حڪومت کي هٽائڻ جي جاچ لاءِ داخل ڪيون ويون هيون

اسلام آباد (ر ڀ) احتساب عدالتن مان واپس ٽيندڙ ريفرنسز جو مستقبل ڇا ٽيندو، ان سلسلي ۾ اسلام آباد هاءِ ڪورٽ اهم فيصلو جاري ڪري ڇڏيو، عدالت عاليا جي جسٽس محسن اختر ڪياني ۽ جسٽس ارباب محمد طاهر، آدم امين چوڌري ڪيس ۾ فيصلو جاري ڪندي ڇيو ته ڪنهن جوابدار خلاف ريفرنس واپس ٿي وڃڻ جو مطلب ڪيس مان ان جي بريت ناهي، نيب ڪورٽس مان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

لاهور: وزيراعظر شهباز شريف سان جمن پريس فيڊريشن جو ٿي رکني وفد ملاقات ڪندي

ن ليگ کي ڏک، مرڪزي اڳواڻ پي ٽي آءِ ۾ شامل

امين الحسنات سان پراڻو روحاني رشتو آهي، سندس تحريڪ انصاف ۾ شموليت سان پارٽي سرگوڌا ۾ وڌيڪ مضبوط ٿيندي

امين الحسنات ۽ سندس خاندان سرگوڌا، راولپنڈي ڊويزن، سڄي ملڪ ۽ سمنڊ پار پاڪستانين ۾ رڌ ڦر ڪري ٿو: پي ٽي آءِ اڳواڻ

ن ليگ اڳواڻ جي پي ٽي آءِ ۾ شموليت انتهائي اهم آهي: پاڪستان تحريڪ انصاف جو مرڪزي اڳواڻ شاهه محمود قريشي

سرگوڌا (ر ڀ) ن ليگ جي مرڪزي اڳواڻ مير امين الحسنات تحريڪ انصاف ۾ شموليت اختيار ڪري ورتي. پير امين الحسنات شاهه محمود قريشي، فواد چوڌري ۽ عامر ڪياني سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي پي ٽي آءِ ۾ شموليت جو اعلان ڪيو ان موقعي تي شاهه محمود قريشي ته امين الحسنات سان پراڻو روحاني رشتو آهي. سندس تحريڪ انصاف ۾ شموليت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

سرگوڌا: ن ليگ جي مرڪزي اڳواڻ شاهه محمود قريشي پريس ڪانفرنس ڪندي

ڪراچي: اڳوڻو وفاقي وزير علي زيدي ۽ جماعت اسلامي جو امير حافظ نعيم الرحمان پريس ڪانفرنس ڪندي

شرجيل ميمڻ کي دل جي تڪليف سبب اسپتال منتقل ڪيو ويو

شرجيل ميمڻ جو طبي معائنو ڪيو ويو ته معلوم ٿيو ته ڪيس دل جو دورو پيو آهي: ذريعا

شرجيل ميمڻ جي دل جون به شريانيون بند هيون، سندس انجيوگرافي ڪانپوءِ اينجيوپلاسٽي ڪئي وئي

حيدرآباد (رپورٽر) سنڌ سماءُ واري صوبائي وزير شرجيل ميمڻ کي دل جي تڪليف سبب اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي. شرجيل ميمڻ کي دل ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

جامشورو: مهراڻ پل ٽرڪ کڻي، هڪ مسافر فوت، ڪيترائي زخمي

مهراڻ پل ٽرڪ کڻي ٽي ڪاهي ۾ ڪري پئي، واقعي جي نتيجي ۾ هڪ مسافر فوت ٿي ويو

ڪيترائي مسافر زخمي ٿي پيا سپرهاءِ وي تي مهراڻ پل ٽرڪ مسافرڪوچ ڪاهي ۾ ڪري پئي

جامشورو (رپورٽر) جامشورو ۾ مهراڻ پل ٽرڪ کڻي، هڪ مسافر فوت، ڪيترائي زخمي ٿي پيا مهراڻ پل وٽ ڪوچ کڻي ٽي ڪاهي ۾ ڪري پئي، واقعي جي نتيجي ۾ هڪ مسافر فوت ٿي ويو، زخمي ٿي پيا مهراڻ پل وٽ ڪوچ کڻي ٽي ڪاهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

چونڊن لاءِ اليڪشن ڪميشن سان مڪمل سهڪار ڪبو: اعظم خان

پرامن چونڊون پهرين ترجيح آهن، چونڊون ڪرائڻ اليڪشن ڪميشن جو ڪم آهي

مهانگائي جو مسئلو آهي، ان کي گهٽائڻ لاءِ قدم کڻڻ جي ڪوشش ڪندس

پشاور (ر ڀ) خيبرپختونخواهه جي نئين چونڊيل نگران وڏي وزيراعظر خان جو چوڻ آهي ته هو چونڊن لاءِ اليڪشن ڪميشن سان مڪمل سهڪار /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

ڪراچي: سنڌ جو گورنر ڪامران خان ٽيسوري پاڪ چائنه فرينڊشپ پارڪ جو سنگ بنياد رکندي

جامشورو ۾ بدامني خلاف ٽرانسپورٽرز جي سڏ تي انڊس هاءِ وي تي ڌرٽو

ٽريفڪ معطل، سوين گاڏيون بيهجي ويون، پوليس ۽ مظاهرين ۾ چڪريون ٿيون: ٽرانسپورٽرن جو بيان

گذريل ڏينهن هٿياربندن ٽرانسپورٽر پريمر جند ۽ عرض محمد کوسو کي گوليون هڻي 5 لک روپيا ڦرڪيا هئا

جامشورو (رپورٽر) جامشورو ۾ بدامني خلاف ٽرانسپورٽرز جي سڏ تي انڊس هاءِ وي تي ڌرٽو، ٽريفڪ معطل، سوين گاڏيون بيهجي ويون، پوليس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

اسلامي ڪاليج تحويل ڪيس ۾ عدالتي حڪر تي بيانف اسلامي ڪاليج کي سيل ڪري ڇڏيو

رينٽ ڪنٽرولر امتياز بهمرو سپريم ڪورٽ جي فيصلي تي عملدرآمد جي هدايت ڪري ڇڏي

سيد مريد علي شاهه 2001ع ۾ ڪاليج جي تحويل ۾ وٺڻ لاءِ عدالت کي اپيل ڪئي

ڪراچي (رپورٽر) اسلامي ڪاليج تحويل ڪيس ۾ عدالتي حڪر تي بيلف اسلامي ڪاليج کي سيل ڪري ڇڏيو آهي، ڪاليج جو قانون ڊپارٽمينٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

آمدني کان وڌيڪ ملڪيتون ناهڻ واري ريفرنس ڪيس جي ٻڌڻي دوران آغا سراج درراني سميت ٻيا پيش ٿيا

ڪراچي (رپورٽر) احتساب عدالت ۾ صوبائي اسيمبلي جي اسپيڪر آغاسراج درراني سميت ٻين جي خلاف آمدني کان وڌيڪ ملڪيتون ناهڻ واري ريفرنس ڪيس جي ٻڌڻي دوران آغا سراج درراني سميت ٻيا پيش ٿيا .عدالت بغير ڪاروائي جي ڪيس جي ٻڌڻي 4فبيروري تائين ملتوي ڪري ڇڏي آهي .جڏهن آغا سراج درراني جي گهرواري پرڏيهي وڃن جي لاءِ درخواست /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

پنجاب جي نگران وڏي وزير جي مقرري لاءِ ڪميشن جو اجلاس طلب

اسلام آباد (ر ڀ) چيف اليڪشن ڪمشنر سڪندر سلطان راجا نگران پنجاب جي وڏي وزير جي مقرري لاءِ اجلاس طلب ڪري ورتو. پنجاب جي نگران وڏي وزير لاءِ حڪومت ۽ مخالف ڌر پاران تجويز ڪيل 2 نالا اليڪشن ڪميشن وٽ پهچي ويا آهن. ڏريعن جو چوڻ آهي ته چيف اليڪشن ڪمشنر پنجاب جي نگران وڏي وزير جي مقرري لاءِ اجلاس سياڻي طلب ڪري ورتو آهي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

مڪاني چونڊن ۾ مبينا ڏاندلي، جماعت اسلامي ۽ پي ٽي آءِ جو چار رڪني ڪميٽي جوڙڻ جو اعلان

فارم 11 واري معاملي تي چار رڪني ڪنڊيل ڪميٽي جوڙڻ تي اتفاق ٿيو آهي، ڪنڊيل ڪميٽي فارم 11 ۽ چونڊن ۾ مبينا ڏاندلي واري معاملن کي ڏسندي: علي زيدي

اليڪشن ڪمپرومائيز هن، اليڪشن جي حوالي سان اسان کي سخت خدشا هئا، جماعت اسلامي ڪراچي جو ميئر آڻڻ جي پوزيشن ۾ آهي: حافظ نعيم

پ پ جي ڪٽڻ سان اسان کي ڪو اعتراض نه آهي، جيڪڏهن پ پ جائز طريقي سان چونڊون کٽي ٿي ته اسان ۾ ايترو حوصلو آهي جو اسان کين مبارکباد ڏئي سگهون ٿا

ڪراچي (ر ڀ) ڪراچي ۾ ٽيل مڪاني چرندن دوران مبينا ڏاندلي جو جائزو وٺڻ لاءِ جماعت اسلامي ۽ پاڪستان تحريڪ انصاف چار رڪني ڪنڊيل ڪميٽي جورڻ جو اعلان ڪيو آهي ڪراچي جي ميئر واري معاملي تي ڳالهه ٻولهه لاءِ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

چارسدا ۾ پوليس چوڪي تي دهشتگردن جو حملو، ٻه اهلڪار شهيد

پوليس چوڪي تي دهشتگردن فائرنگ ڪئي، جنهن جي نتيجي ۾ 3 اهلڪار زخمي ٿيا

زخمين مان ٻن پوليس اهلڪارن دم ڏئي ڇڏيو، جڏهن ته هڪ علاج هيٺ آهي: ڊي پي او

چارسدا (ر ڀ) خيبر پختونخواهه جي ضلعي چارسدا ۾ ڊيري زرداد پوليس چوڪي تي دهشتگردن جي حملي ۾ ٻه اهلڪار شهيد ٿيا. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

ريفرنس جي واپسي جو مطلب جوابدارن کي بري ڪرڻ ناهي: هاءِ ڪورٽ

جوابدار خلاف ريفرنس واپس ونڊڻ جو مطلب اهو ناهي ته ڪيس کي مان بري ڪيو وڃي

جسٽس ارباب محمد طاهر آدم امين چوڌري ڪيس جو فيصلو جاري ڪري ڇڏيو

اسلام آباد (ر ڀ) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جو اهم فيصلو سامهون آيو آهي، جنهن ۾ چيو ويو آهي ته جوابدار خلاف ريفرنس واپس ونڊڻ جو مطلب اهو ناهي ته ڪيس کي مان بري ڪيو وڃي، جسٽس ارباب محمد طاهر آدم امين چوڌري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

سرگوڌا: ن ليگ جي مرڪزي اڳواڻ شاهه محمود قريشي پريس ڪانفرنس ڪندي

حليمه عادل شيخ خلاف ڪيس داخل ڪرڻ وارن جي ٻڌڻي دوران سعيد غني ۽ حليمه عادل شيخ حليمه پيش ٿيا

توهان حليمه عادل شيخ جي خلاف عزت هتڪ جو دعوي ڪيا آهيو، چاپئسو عزت کان وڌو ٿي سگهي ٿو؟: عدالت جو وڪيل کان پڇاڻو

جڏهن حليمه عادل شيخ معافي نامو لکي ڏني ته پوءِ ڪيس ختم ڪرايا، گذجي ويهڻ ۽ ڳالهائڻ جي لاءِ تيار آيون: سعيد غني جو وڪيل

اسان عوام جا معاملا حل ڪرڻ چاهيون ٿا، جيڪي الزام لڳايا ويا آهن هن جي معافي ورتي وڃي ته مان ڪيس ختم ڪري ڇڏينديو: حليمه عادل شيخ

ڪراچي (رپورٽر) ايڊيشنل دسترڪٽ اينڊ سيشن جج ڏڪ جي عدالت ۾ صوبائي وزير سعيد غني پاران مخالف ڌر جي اڳواڻ حليمه عادل شيخ خلاف چٽن ڪيس داخل ڪرڻ وارن جي ٻڌڻي دوران صوبائي وزير سعيد غني ۽ حليمه عادل شيخ حليمه پيش /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

رهتن جي عدم ادائيگي، بلوچستان حڪومت وفاق کي وڏي ڏمڪي ڏئي ڇڏي

بلوچستان هن وقت ڏکيائين ۾ آهي، وفاق فوري طور مدد ڪري، خيرات نه پر پنهنجو حق گهري رهيا آهيون: زمرڪ خان اچڪزئي

جيڪڏهن رهتون نه ملينون ته بلوچستان مان گئس فراهمي کي بند ڪرڻ جو آپشن به موجود آهي، 18 هين ترميم کانپوءِ صوبي کي اختيار حاصل آهي

صوبي مان گئس فراهمي جاري آهي، رهتون نه پيون ملن، وفاق کي مسئلن جو واضح ٻڌايو آهي، وفاق وڏي ڪان اڳ مدد ڪري

ڪوئيٽا (ر ڀ) بلوچستان رهتن جي عدم ادائيگي تي وفاق کي گئس بند ڪرڻ جي ڌمڪي ڏني ڇڏي. بلوچستان جي ناٿي واري وزير زمرڪ خان اچڪزئي خانگي ٽي وي چينل سان ڳالهائيندي چيو ته بلوچستان هن وقت ڏکيائين ۾ آهي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

ايف آءِ اي سليمان شهباز کي بيگناهه قرار ڏئي ڇڏيو

لاهور (ر ڀ) وفاقي جاچ اداري (ايف آءِ اي) مني لانڊرنگ ڪيس ۾ وزيراعظر شهباز شريف جي پٽ سليمان شهباز کي بيگناهه قرار ڏئي ڇڏيو آهي. اسپيشل جج سينٽرل مني لانڊرنگ ڪيس ۾ سليمان شهباز جي گرفتاري کان اڳ ضمانت واري درخواست تي ٻڌڻي ڪئي. اسپيشل پراسيڪيوٽر فاروق باجوا ۽ جاچ آفيسر ضمني چالان سميت عدالت ۾ پيش ٿيا. جاچ آفيسر عدالت کي ٻڌايو ته سليمان شهباز خلاف مني لانڊرنگ جا ڪي به ثبوت نه مليا. سليمان شهباز /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

اگوٽو بيورو ڪريٽ محمد اعظر خان خيبر پختونخواهه جو نگران وڏو وزير ٻڌجي ويو

ڪراچي (رپورٽر) اگوٽو بيورو ڪريٽ محمد اعظر خان خيبر پختونخواهه جو نگران وڏو وزير ٻڌجي ويو. گورنر غلام علي اگوٽي بيورو ڪريٽ محمد اعظر خان جي نگران وڏي وزير طور مقرري جو نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو آهي اعظر خان اڄ شام پنهنجي عهدي جو حلف کڻندو. گذريل رات خيبر پختونخواهه جي حڪومت ۽ اپوزيشن وچ ۾ نگران وڏي وزير جي مقرري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

ڪراچي جي ڪمشنر شهر ۾ اٽي جا نوان اگهه مقرر ڪري ڇڏيا

عام اٽي جي قيمت 98 روپيا ۽ چڪي جي اٽي جي قيمت 105 روپيا في ڪلو مقرر ڪئي وئي آهي

شهر ۾ ايڪس فلور مل 95 روپيا ۽ ريٽيل ۾ اٽي جي قيمت 98 روپيا في ڪلو ٿي وئي: ڪراچي ڪمشنر

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي ڪمشنر شهر ۾ اٽي جا نوان اگهه مقرر ڪري ڇڏيا، عام اٽي جي قيمت 98 روپيا ۽ چڪي جي اٽي جي قيمت 105 روپيا في ڪلو مٽرر ڪئي وئي آهي، ڪمشنر طرفان ٽئي ڪيل اگهن موجب شهر ۾ ايڪس فلور مل 95 روپيا ۽ ريٽيل ۾ اٽي جي قيمت 98 روپيا في ڪلو ٿي وئي، ڪراچي جي ڪمشنر سوجب چڪي جي اٽي جي ريٽيل قيمت 105 روپيا في ڪلو مقرر ڪئي وئي آهي. واضح/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

اليڪشن ڪميشن پنجاب جي نگران وڏي وزير جي مقرري لاءِ اجلاس طلب ڪري ورتو

اسلام آباد (ر ڀ) چيف اليڪشن ڪمشنر سڪندر سلطان راجا نگران پنجاب جي وڏي وزير جي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

ملڪ جي 80 سيڪڙو آبادي کورونا سان متاثر آهي: چيني سائنسدان جو چرڪائيندڙ انڪشاف

بيجنگ (ر ڀ) چين جي هڪ مڃيل سرڪاري سائنسدان جيو وڏي وزير سيڪڙو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

چوڌري نثار قومي ۽ صوبائي اسيمبلي جي چونڊ وڙهڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو

ن ليگ سان رابطا هاڻ به آهن پر پارٽي ۾ شموليت جو فيصلو چونڊن کانپوءِ ڪنداسين: چوڌري نثار علي خان

عمران خان سان دوستي ضرور آهي پر تحريڪ انصاف ۾ شامل ٿيس ته دوستاٽا لاڳاپا متاثر ٿي سگهن ٿا

مون 2018 ۾ آزاد حيثيت سان قومي اسيمبلي جي هن ۽ صوبائي اسيمبلي جي هڪ سيٽ تي چونڊ وڙهي هئي

راولپنڈي (ر ڀ) اڳوڻي وفاقي وزير چوڌري نثار علي خان قومي ۽ صوبائي اسيمبلي جي چونڊ آزاد حيثيت ۾ وڙهڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو خانگي ٽي وي چينل جي پروگرام ۾ ڳالهائيندي

چوڌري نثار چيو ته ن ليگ سان رابطا هاڻ به آهن پر پارٽي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

راولپنڈي: اڳوڻو وفاقي وزير چوڌري نثار علي خان پريس ڪانفرنس ڪندي

مريم نواز جي وطن واپسي

قاضي احمد لڳ ڳوٺ مال مهر جي رهواسين جو ٻاڻرن خلاف احتجاجي مظاهرو

ڳوٺاڻن استاد غلام نبي مهر، مور مهر ،شهزاد مهر، ثنءَ الله مهر ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو ويو

آسان جي پرواري ڳوٺ مير محمد ڪوسي جا رهواسي جن سان آسان جو ڪو به تڪرار ناهي ان جي باوجود به آسان جي ڳوٺ جي اسڪول ٻوبان هٽيار ڪٽي اچي نائرنگ ڪن: ڳوٺاڻا

اسڪولي ٻارڙن تورڙي ڳوٺ جي ماڻهن ۾ خوف و حراس ڦهلايو تو رڄي آسان جا ٻارڙا خوف سبب اسڪول نه ٿا رڄي: صحافين سان ڳالهيون

قاضي احمد (رپورٽر) قاضي احمد لڳ ڳوٺ مال مهر جي گورنمينٽ پرائمري اسڪول ۾ شاگردن تورڙي ڳوٺاڻن پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ڳوٺاڻن استاد غلام نبي مهر، مور مهر ،شهزاد مهر، ثنءَ الله مهر ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو تہ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

تندوباگو: پروفيسر سراج احمد هاليپوٽو جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ شاگرد احتجاج ڪندي

ڈيئي شهر ۾ شاگردن طرفان پروفيسر سراج احمد هاليپوٽو جي خون سان انصاف لاءِ احتجاج

مظاهري کي سريش پيل ۽ شاگردن سمير قمبراڻي، روهت ڪمار، لاريب قمبراڻي، پنڪوڙي ٻائي خطاب ڪيو

سائين سراج هاليپوٽو سنڌ جي تاريخ ۾ ننڍي عمر جو تعليمدان ۽ اردو ٻولي جو وڏو شاعر هو: سمير قمبراڻي / روهت ڪمار

تندوباگو (رپورٽ:- سهيل سمون) ڈيئي شهر ۾ شاگردن طرفان پروفيسر سراج احمد هاليپوٽو جي خون جي انصاف لاءِ احتجاجي مظاهر ڪيو ويو مظاهري کي سريش پيل ۽ شاگردن سمير قمبراڻي، روهت ڪمار، لاريب قمبراڻي، پنڪوڙي ٻائي، ڌليش ڪمار ۽ ٻين شاگردن خطاب ڪندي چيو تہ سائين سراج هاليپوٽو سنڌ جي تاريخ ۾ ننڍي عمر جو تعليمدان ۽ اردو ٻولي جو وڏو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

ڏڙو ۽ پرياسي جي مختلف علائقن ۾ لڳاتار چورين جي واردتون

نامعلوم چور 11 هزار وولٽيج جي هلندڙ بجلي کي معطل ڪري ٽرانسفارمر ۽ بجلي جون تارون لاهي ويا

پوليس عوام جي جان ۽ مال کي تحفظ ڏيڻ ۾ مڪمل طور تي ناڪام، ڪنهن به نوٽيس نه ورتو

ڏڙو(رپورٽ: شوڪت ميمڻ) ڏڙو ۽ پرياسي جي مختلف علائقن ۾ لڳاتار چورين جي واردتون عوام جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو. نامعلوم چور 11 هزار وولٽيج جي هلندڙ بجلي کي معطل ڪري ٽرانسفارمر ۽ بجلي جون تارون لاهي ويا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

نوشهروفيروز ۾ وڪيل صدام ٽڪڙ کي ڌمڪين خلاف احتجاج

SHO ايڙان اسلم سومرو پاران مليل موتمار ڌمڪين ۽ ينگ گهرڻ خلاف احتجاج ڪيو ويو

ايڈووڪيٽ امر امتياز، اڳوڻي نائب صدر شير محمد اڄڻ جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

نوشهرو فيروز (رپورٽ اسد علي عمراڻي) ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن نوشهرو فيروز ۽ ڪورٽ جو ورڪ سسپينڊ وڪيل صدام ٽڪڙ کي SHO ايڙان اسلم سومرو پاران مليل موتمار ڌمڪين ۽ ينگ گهرڻ خلاف نوشهروفيروز بار ايسوسيئيشن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

نوشهروفيروز: وڪيل صدام ٽڪڙ کي ڌمڪائڻ خلاف وڪيل احتجاج رهيا آهن

صوبائي اسيمبلي جي ميمبر فقير شير محمد بلالاڻي ٽرڪول بلاڪ ٽوڙ جو دورو

ٽرفائونڈيشن طرفان صحت جي شعبي ۾ بهتري لاءِ ڪنيل قدمن جي واکاڻ ڪئي

دوري دوران ايم پي اي فقير شير محمد بلالاڻي ڪلينڪ تي ايندڙ مريضن ۽ ڊاڪٽرن سان ڳالهه ٻولهه ڪئي

اسلام ڪوٽ(رپورٽر) صوبائي اسيمبلي جي ميمبر فقير شير محمد بلالاڻي ٽرڪول بلاڪ ٽوڙ جو دورو ڪيو ۽ ٽرفائونڈيشن طرفان صحت جي شعبي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

سنڌي ادبي سنگت شاخ خانواهڻ جي دستوري گڏجاڻي ٽي گذري

گڏجاڻي زير صدارت نوشهرو فيروز جي ضلعي رابطا سيڪريٽري ظفر ٽڪڙ ڪئي

اعزازي مهمان سينئر ليکڪ ۽ صحافي ڇل هنگورو ۽ نوجوان شاعر رياض ساگر نوح پروٽوهئا

خانواهڻ (رپورٽ : عاجز امتياز نوح پروٽو) سنڌي ادبي سنگت شاخ خانواهڻ جي دستوري گڏجاڻي زير صدارت نوشهرو فيروز جي ضلعي رابطا سيڪريٽري ظفر ٽڪڙ جي ٽي گذري جنهن ۾ مهمان خاص اڳوڻو مرڪزي رهنما جبار ملاح ۽ نوشهرو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

ٽنڈو محمد خان ۾ جيئي سنڌ محاذ ڪارڪنن جو احتجاجي مظاهرو

قومپرست اڳواڻ ايوب ڪوريجو تي حملو ڪندڙ حملي آورن جي گرفتاري لاءِ احتجاج ڪيو ويو

مظاهري کي ضلعي صدر زاهد جسڪاڻي اصغر نوناري منگهر ڪمار مختيار خاصخيلي خطاب ڪيو

ٽنڈو محمد خان (ڊ.مظفر علي بروهي) جيئي سنڌ محاذ ضلعي ٽنڈو محمد خان ۾ ٿيل حملي جي شديد مذمت ڪندي چيو ويو ته قومپرست اڳواڻ ايوب ڪوريجو تي حملو ڪندڙ حملي آورن کي گرفتار نه ڪيو ويو تہ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

ٽنڈو محمد خان: جيئي سنڌ محاذ جا ڪارڪنن احتجاج ڪري رهيا آهن

ٽرڪول بلاڪ ٽو ۾ گوشت جو ٽيڪو ڪنڊڙ ڪمپني مٺان مال چوري جو ڪيس داخل

ٽرڪول بلاڪ ٽو جي ڳوٺ جيئندو درس واسي هدايت الله درس اسلام ڪوٽ پوليس اسٽيشن پهچي ڪيس داخل ڪرايو

رهواسي ذوالفقار درس نالي اي زيڊ ڪمپني جو مالڪ آهي جنهن جو ٽرڪول بلاڪ ٽرڪ کي گوشت ڈيڻ جو ٽيڪو هلندڙ آهي

منهنجا ٻڪر چوري ڪري ذبح ڪرڻ بعد گوشت ڪمپني ۾ ڈنو آهي، اسان غريبن جو مال محفوظ ناهي: درخواست ۾ موقف

اسلام ڪوٽ (رپورٽ صادق بحير) ٽرڪول بلاڪ ٽو ۾ گوشت جو ٽيڪو ڪنڊڙ زيڊ اي ڪمپني جي مالڪ ذوالفقار درس مٺان مال چوري جو ڪيس داخل ڪرايو ويو ان سلسلي ۾ مليل ڄاڻ موجب ٽرڪول بلاڪ ٽوجي ڳوٺ جيئندو درس واسي هدايت الله درس اسلام ڪوٽ پوليس استيشن پهچي ڪيس داخل ڪرايو مرقف اختيار ڪيو ويو آهي ته سندس ڳوٺ جو رهواسي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

دادو: عدالت پاران سزا ٻڌايل جوابدار لاڪپ ۾ بيٺل آهن

ٽاروشاهه پرسان ڳوٺ موريو اڄڻ ۾ اڄڻ برادري جي ٻن ڏرين ۾ زميني تڪرار تيز ٿي ويو

پوليس اهلڪار جو مبينہ ڪاهه ،ڳوٺاڻي مٺان هوائي فائرنگ، متاثرين جو احتجاج، نعريبازي

زمين جي تڪرار تان ڳوٺ جو ٻاڻر پوليس اهلڪار تنگ ڪري رهيو آهي: مظاهرو ڪندڙن جون ڳالهيون

ٽاروشاه (رپورٽر) ٽاروشاه پرسان ڳوٺ موريو اڄڻ ۾ اڄڻ برادري جي ٻن ڏرين ۾ زميني تڪرار تيز ٿي ويو پوليس اهلڪار جي مبينہ ڪاهه ڳوٺاڻي مٺان هوائي فائرنگ متاثرين جو احتجاج تحفظ ۽ حملي آور گرفتار ڪرڻ جي اپيل ٽاروشاه پرسان ڳوٺ موريو اڄڻ جي رهواسين 3 ٻاڦرن افضل خادم ۽ اڪرم اڄڻ پوليس ٽائي جي گيٽ ٻاهران احتجاج ڪندي ٻڌايو تہ زمين جي تڪرار تان ڳوٺ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

ڪلاب لغاري ۾ ٻه اتي جي هٿرادو ڪوٽ خلاف احتجاجي مظاهرو

اشرف لغاري ڪريم لغاري ۽ مولا بخش لغاري جي اڳواڻي جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو ويو

حڪومت ۽ فوڊ ڊپارٽمنٽ جي نااهلي جي ڪري غريب ۽ پورهيت طبقو سخت پريشاني کي منهن ڏيڻ لڳا آهن: مظاهرين

ڪلاب لغاري (رپورٽر) ڪلاب لغاري ۽ ٻه اتي جي هٿرادو ڪوٽ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ڪلاب لغاري ۽ مولا بخش لغاري جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو ويو. مظاهرين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو تہ اڳر آٽو سسٽو نہ ڪيو ويو تہ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو ۽ مظاهرين ميڊيا وارن پڌاڻيون چڪي مالڪ غير قانوني استاڪ ڪيو ويندا آهن اسان وري ب چڪي مالڪن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

گلاب لغاري: اتي جي هٿرادو ڪوٽ خلاف شهري احتجاج ڪري رهيا آهن

ٽاروشاهه ۾ آبپاشي ملازمن جو مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج

سب ڊويزن روهڙي ڪينال ڪنڊيارو ۽ ٽاروشاه جي ملازمن جو عنايت سولنگي زاهد ابڙو غلام قمبر جي اڳواڻي ۾ احتجاج

سنڌ سرڪار آبپاشي ملازمن جا جائز مطالبہ منظور نہ ڪري ملازمن سان ماتيلي ماءُ وارو سلوڪ ڪري رهي آهي: مظاهرين

ٽاروشاه (رپورٽ: راشد علي ميمڻ) ٽاروشاه ۾ آبپاشي ملازمن جو مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج مطالبا منظور ڪرڻ جا نعرہ، سب ڊويزن روهڙي ڪينال ڪنڊيارو ۽ ٽاروشاه جي ملازمن جو عنايت سولنگي زاهد ابڙو غلام قمبر مري اسلم سولنگي جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو ويو چيو تہ سنڌ سرڪار آبپاشي ملازمن جا جائز مطالبہ منظور نہ ڪري ملازمن سان ماتيلي ماءُ وارو سلوڪ ڪري رهي آهي ۽ افسوس جي مينيجمينٽ جا آيل فنڊ ۾ هڙپ ڪري رهيو آهي هتن آبپاشي وزير سميت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

دادو ۾ سنڌي ادبي سنگت طرفان نامور اسڪالر علام احمد مجتبيٰ غائب ملڪاڻي جي ورسي جي تقريب منعقد

پيتا پيش ڪرڻ لاءِ ادبي ڪانفرنس سنڌي ادبي سنگت سنڌ جي سيڪريٽري جنرل ڊاڪٽر مشتاق قل صدارت ۾ ٿي گذري

مجتبيٰ غالب جي ادبي شخصيت سنڌي ادب تي غالب رهي، هو نثر ۽ نظر تي دسترس رکندڙ استاد الشعراء شاعر هو: ڊاڪٽر مشتاق قل

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) سنڌي ادبي سنگت سنڌ پاران دادو پريس ڪلب جي ڪانفرنس هال ۾ نامور اسڪالر علام احمد مجتبيٰ غائب ملڪاڻي جي ورسي جي موقعي ٿي پيتا پيش ڪرڻ لاءِ ادبي ڪانفرنس سنڌي ادبي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

دادو: سنڌي ادبي سنگت طرفان جوڙايل ورسي جي تقريب جو ڏيک

ڪاٽي ٽوڙ مهانگائي خلاف عوامي تحريڪ جو وصل مارچ بدين پهتو

وصل مارچ جي اڳواڻي عوامي تحريڪ جي مرڪزي صدر لال جروار، مرڪزي جنرل سيڪريٽري نور احمد ڪاتيار، سنڌي هاري تحريڪ جي مرڪزي صدر ڊاڪٽر ڏلدار لغاري ڪئي

سنڌ حڪومت صوبائي اسيمبلي مان سنڌ جون زمينون، تيل، گئس، ڪوئلو وفاق جي اختيارن ۾ ڏيڻ جي قرارداد پاس ڪري سنڌ جي وسيلن جو سودو ڪري چڪيو آهي: لال جروار

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) سنڌ اسيمبلي ۾ ٺهراءِ پاس ڪري سنڌين جون زمينون، ساموندي پٽي، تيل، ڪوئلو، گئس، وفاق حوالي ڪرڻ، ڄيٺمل آدمشماري، خورشيد شاه جي قيادت ۾ جوڙيل ٽون صوبن لاءِ ڪميٽي، ڳاڻي ٽوڙ مهانگائي خلاف ۽ افغانين، بنگالين، بهارين، برمين سميت ٻين لکين ڌارين کي سنڌ مان ڪڍڻ لاءِ عوامي تحريڪ طرفان اعلاڻيل جدوجهد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

پريس ڪلب ڳڙهي ياسين جي نون چونڊيل عهديدارن جي حلف برداري تقريب

سنڌ اسيمبلي جي ايم پي اي شهريار خان مهر نون چونڊيل عهديدارن کي حلف ڪٻايو، وڏي انگ ۾ ماڻهن جي شرڪت

ضلعي شڪارپور جي سياسي سماجي شخصيتن، صحافي تنظيمن جي اڳواڻن ۽ شهرين ۽ صحافين جي وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

پريس ڪلب ڳڙهي ياسين جي صدر، شفيق مهر آيل مهمان کي آجيائو پيش ڪندي، پريس ڪلب جي صحافين جي مسئلن بابت ڳالهايو

ڳڙهي ياسين (رپورٽر) پريس ڪلب ڳڙهي ياسين جي نون چونڊيل عهديدارن جي حلف برداري تقريب ٽي گذري، سنڌ اسيمبلي جي ايم پي اي شهريار خان مهر نون چونڊيل عهديدارن کي حلف ڪٻايو. ضلعي شڪارپور جي سياسي سماجي شخصيتن، صحافي تنظيمن جي اڳواڻن ۽ شهرين ۽ صحافين جي وڏي انگ ۾ شرڪت پريس ڪلب ڳڙهي ياسين جي نون چونڊيل سال 2023 /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

ڳڙهي ياسين: نون چونڊيل عهديدارن جي حلف برداري جي ڪوٺايل تقريب

ڏپٽي ڪمشنر نوشهروفيروز شاهزيب شيخ جي اڳواڻي ۾ ڪلي ڪچهري ٽي گذري

متاثر آبادگارن کي ٻج ۽ ڪلرجا پٻسا ڈيڻ جو سلسلو هن مهيني جي آخر تائين شروع ٽي ويندو : سيڪريٽري زراعت

ايان تائين پاٽي بيلن رهڻ جون شڪايتون مليون آهن پاٽي ڪيرائڻ لاءِ ڪم هلي رهيو آهي: سيڪريٽري ايريگيشن

نوشهروفيروز (رپورٽ منظور ملڪ) نوشهروفيروز پريا روڊ پي ڊي ايم اي جي ڊائريڪٽر جنرل سيد سليمان شاه سيڪريٽري ايريگيشن سهيل احمد قريشي ڊائريڪٽر آپريشن پي ڊي ايم اي امداد حسين صديقي ۽ ڊپٽي ڪمشنر نوشهروفيروز شاهزيب شيخ جي اڳواڻي ۾ ڪلي ڪچهري ٽي گذري ڪلي ڪچهري ۾ خطاب ڪندي سيڪريٽري زراعت چيو تہ برسات ۾ متاثر ٽيل آبادگارن کي ٻج ۽ ڪلرجا پيسا ماڻهن کي ڈيڻ جو سلسلو هن مهيني جي آخر تائين شروع ٽي ويندو سيڪريٽري ايريگيشن خطاب ڪندي چيو تہ صوبي مان ايان تائين پاٽي بيلن رهڻ جي شڪايتون مليون آهن پاٽي ڪيرائڻ لاءِ ڪم هلي رهيو آهي ڪم جي رفتار کي وڌيڪ تيز ڪرڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

مورو جي رهواسڻ عورت جو پريس ڪلب پهچي ٻاڻر خلاف احتجاج

سولنگي برادري جي هٿياربند گهر ۾ گهڙي آسان کي يرغمال بٽائي گهر مان قرلٽ ڪئي: متاثر عورت

آسان جي معصوم يارهن ورهين جي نياڻي امبر شيخ کي اغوا ڪري ويا آهن، ڪوبہ پڌڻ وارو ناهي

نوشهروفيروز (رپورٽ:اسد علي عمراڻي) مورو جي رهواسڻ عورت مسمات حاجاڻي شيخ پريس ڪلب نوشهروفيروز پهچي صحافين آڏو ڌاهينداني چيو آهي تہ سولنگي برادري جي هٿياربند گهر ۾ گهڙي آسان کي يرغمال بٽائي گهر مان قرلٽ ڪرڻ بعد آسان جي معصوم يارهن ورهين جي نياڻي امبر شيخ کي اغوا ڪري ويا آهن واقعي خلاف آسان مورو ٽائي ٽي پهتا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

مورو: جا رهواسي ٻاڻر خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

”آبي جي اڳهه ۾ واڌ نامنظور“ شهدادپور ۾ پورهيتن جو احتجاج

شهدادپور جي ٻنهي فلور ملن سامهون آبي جي اڳهه ۾ واڌ خلاف سوين پورهيتن شاهپور چاڪر روڊ ملدسي روڊ بلاڪ ڪري احتجاج ڪيو

فلور ملز ۾ ڪاهه 10 ڪلو آبي جو ٽيلهو جيڪر 65 روپيه في ڪلو جي ريٽ تي ڏنو پئي ويو جيڪر هاڻ 950 سئو روپين ۾ ڏنو پيو وڃي: مظاهرين

تندوباگو: اڳواڻ سي سي لائٽنگ ورڪس جو افتتاح بعد دعا گهري رهيا آهن

لاڙڪاڻو: تيز رفتار ٽريڪٽر تان ڪرڻ جي نتيجي ۾ پورهيت چيبا ڄي فوت

ٽريڪٽر تان ڪرڻ جي نتيجي ۾ الهه آباد پاڙي جو رهواسي 35 سالن جو پورهيت وزير علي زخمي ٿيو

ڪر ڪندڙ ٻين مزدورن ڀڳتي جوگي حالت ۾ ڪٽائي چانڊڪا اسپتال جي حادثن واري شعبي ۾ آندو جتي هو فوت ٿي ويو

لاڙڪاڻو(رپورٽر) لاڙڪاڻي شهر پرسان تيز رفتار ٽريڪٽر تان ڪرڻ جي نتيجي ۾ پورهيت چيبا ڄي فوت ٿي ويو. لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو تفصيل موجب لاڙڪاڻي شهر پرسان بقاپور ٽائي جي حد تنڌا مهر روڊ تي مٽي سان پريل تيز رفتار ٽريڪٽر تان ڪرڻ جي نتيجي ۾ الهه آباد پاڙي جو رهواسي 35 سالن جو پورهيت وزير علي ڇهاڻ ڇيبا ڄي سخت زخمي ٿي پيو جنهن کي پيٽ مزدورن ڀڳتي جوگي حالت ۾ ڪٽائي چانڊڪا اسپتال جي حادثن واري شعبي ۾ آندو جتي ڊاڪٽرن پاران پورهيت جي فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي وئي. ان مرقعي تي ڊرائيور علي ڪلهوڙو ٻڌايو تہ آسان ڪرڻ تي مٽي ۽ واري ڪنڊا آهيون، اڄ درياهه مان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

سجاول ۾ عورت جو مڙس جي مبينہ ظلمن خلاف احتجاج

برانچ موري لڳ ڳوٺ عبدالڪريم ملاح جي رهواسڻ مسمات پروين ملاح احتجاج ڪيو

منهنجو مڙس نالي ياسين ملاح جيڪر نشي جو عادي آهي، جيڪر نشدد ڪري ٿو: متاثر عورت

سجاول (رپورٽ:ممتازعلي نهڙيو) سجاول ۾ عورت جو مڙس جي مبينہ ظلمن خلاف احتجاج. انصاف جي گهر، سجاول ويجهو برانچ موري لڳ ڳوٺ عبدالڪريم ملاح جي رهواسڻ مسمات پروين ملاح پنهنجي معصوم ٻارڙن سان گڏ مڙس جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

نوشهروفيروز ۾ ٽن ڏينهن واري مفت اکين جي ڪئمپ لڳائي وئي

ڪئمپ ۾ سوين مريضن کي چيڪ ڪيو ويو ۽ 300 مريضن جا آپريشن ڪيا ويا

هي ۽ مفت اکين جي ڪيمپ هر سال لڳائي ويندي آهي: محمد حنيف جانو/ منير احمد ميمڻ

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) يونائيٽيڊ ميمن جماعت ڪاهي ممن پاران لڳايل ٽن ڏينهن واري مفت اکين جي ڪيمپ جي ٻٽي ڏينهن ڪاهي ممن ۾ او پي ڊي ڪٽي وئي جنهن ۾ سوين مريضن کي چيڪ ڪيو ويو ۽ 300 مريضن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

نوشهروفيروز: ٽن ڏينهن واري مفت اکين جي ڪئمپ جو ڏيک

جماعت اسلامي ۽ پي ٽي آءِ جي اڳواڻن ۾ ڪراچي ميئر شپ جي لاءِ ملاقاتون

ٻنهي پارٽين جا اڳواڻ سنڌ سيڪريٽريٽ پهچي ويا، پارٽين وچ ۾ ديرتائين ملاقات جاري رهي

پي ٽي آئي وفد جي قيادت صوبائي صدر علي زيدي ڪري رهيو هو

ڪراچي (رپورٽر) جماعت اسلامي ۽ پي ٽي آءِ جي اڳواڻن ۾ ڪراچي ميئر شپ جي لاءِ ملاقاتون جماعت اسلامي سان پ پ جي وفد جي ملاقات بعد اڄ جماعت اسلامي پي ٽي آئي سنڌ سيڪريٽريٽ پهچي ويو ٻنهي پارٽين وچ ۾ ديرتائين ملاقات /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

ڪراچي : جماعت اسلامي ۽ پي ٽي آءِ جا اڳواڻ ڪراچي ميئر شپ جي لاءِ ملاقاتون ڪري رهيا آهن

ڪاڻي ٽوڙ مهانگائي خلاف عوامي تحريڪ جو وصل مارچ بدين پهتو

وصل مارچ جي اڳواڻي عوامي تحريڪ جي مرڪزي صدر لال جروار، مرڪزي جنرل سيڪريٽري نور احمد ڪاتيار، سنڌي هاري تحريڪ جي مرڪزي صدر ڊاڪٽر ڏلدار لغاري ڪئي

سنڌ حڪومت صوبائي اسيمبلي مان سنڌ جون زمينون، تيل، گئس، ڪوئلو وفاق جي اختيارن ۾ ڏيڻ جي قرارداد پاس ڪري سنڌ جي وسيلن جو سودو ڪري چڪيو آهي: لال جروار

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) سنڌ اسيمبلي ۾ ٺهراءِ پاس ڪري سنڌين جون زمينون، ساموندي پٽي، تيل، ڪوئلو، گئس، وفاق حوالي ڪرڻ، ڄيٺمل آدمشماري، خورشيد شاه جي قيادت ۾ جوڙيل ٽون صوبن لاءِ ڪميٽي، ڳاڻي ٽوڙ مهانگائي خلاف ۽ افغانين، بنگالين، بهارين، برمين سميت ٻين لکين ڌارين کي سنڌ مان ڪڍڻ لاءِ عوامي تحريڪ طرفان اعلاڻيل جدوجهد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

شهدادڪوٽ ۾ عطائي ڊاڪٽر جي غفلت سبب 15 ورهين جو نوجوان فوت، وارثن جو احتجاج

وارثن جو ڊاڪٽر خلاف احتجاج ، ڊاڪٽر مٺان ڪيس داخل ڪرڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو

ڊاڪٽر منور تونيو پاران مبينا طور غلط انجيڪشن لڳ سبب 15 ورهين جو نوجوان علي حسن پٽ علي خان مگسي فوت ٿيو آهي: والد

شهدادڪوٽ (رپورٽر) شهدادڪوٽ جي اسٽيشن روڊ تي نجي اسپتال ۾ عطائي ڊاڪٽر منور تونيو جي مبينا غفلت سبب 15 ورهين جو نوجوان علي حسن پٽ علي خان مگسي فوت، وارثن جو ڊاڪٽر خلاف احتجاج ، ڊاڪٽر مٺان ڪيس داخل ڪرڻ جو مطالبو ـ خبر موجب : شهدادڪوٽ جي نجي اسپتال ۾ ڊي ايڇ او قمبر شهدادڪوٽ ذوالفقار علي تونيو جي پاءُ نجي اسپتال جي ڊاڪٽر منور تونيو پاران مبينا طور غلط انجيڪشن لڳ سبب 15 ورهين جو نوجوان علي حسن ولد علي خان مگسي فوت ٿي ويو آهي فوتي نوجوان جي والد علي خان مگسي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو تہ منهنجو پٽ علي حسن مگسي معمولي بخار سبب عطائي ڊاڪٽر منور تونيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، ڊهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
آچر 22 جنوري 2023ع

رهي آڇجي راتڙي، تن وادوڙين وَٽاءِ؛
جن کي سورُ سريرَ ۾، گهٽَ مَنجهاران گهاءِ؛
لِکائي لوکاءِ، پاڻهين بَڏنِ پَٽِيُون.

سنڌ ۾ تعليم جي ڪرندڙ صورتحال جو ذميوار ڪير ؟

خاصخيلي لطيف راولاڻي

سنڌ جي تعليمي صورتحال گذريل ڪافي سالن کان خراب حالتن ۾ آهي انهي ڏس ۾ ڪافي ڪوششون ورتيون ويون آهن پر ايڏان به بهتر حالت نه ٿي سگهي آهي تمام گهڻا بند پيل سرڪاري اسڪول اين جي او وارن پنهنجي حوالي ڪري انهن کي نئين سري سان هلائڻ جي به ڪوشش ڪئي آهي پر ايڏان به تمام گهڻا اسڪول بند پيا آهن جن جي ڪابه سار سنڀال ڪونه ٿي ڪئي وڃي ايسان وٽ صرف ڪلجر کي هٿي ڏيارڻ لاءِ ثقافتي پروگرام ۽ اوطاقون ٺهرايون ويندیون آهن ۽ انهن جي سوشل ميڊيا تي پبلسٽي پڻ ڪئي ويندي آهي لکين روپيا خرچ ڪري صرف پنهنجي ذاتي انا ۽ شخصيت کي چمڪائڻ خاطر وڏيون وڏيون اوطاقون ٺهرائي ان ۾ قيمتي فرنيچر غلم غاليچا سجايا ويندا آهن ان کان علاوه درگاهن جا اوتارا به شاندار نمونڀ ٺهرايا ويندا آهن جتي درگاه جا گدي نشين ۽ پير مريد ۽ مجاور پنهنجو آستانو ناهي عام ماڻهن تي هڪ اٿرڇنديندا آهن ته اسين به ڪي آهيون ميدان ۾ اها سموري صورتحال پوري سنڌ ۽ بلوچستان ۾ آهي جتي دڳاهن تي وڏا ميڙا ملاکڙا به لڳن ٽاپرا ڇ ڏينهن تائين ڪنهن به رئيس وڏيري يا ماني مڇي واري پنهنجي علاقتي جي اسڪول ڏانهن ڪوبه ڏيان نه ڏنو آهي ته ڪجه پئسا خرچ ڪري ڇوٽ جي اسڪول کي پڪو ڪيو وڃي يا وري اتي فرنيچر ۽ هي کا ضرورت پوري ڪئي وڃي اهو ان ڪري ته هو اسڪول کي پنهنجو اسڪول ڪونه ٿا سمجهن ڪافي سال اڳ ۾ حڪومت اسڪولن جي لاءِ سالياني فنڊ رکيو هو ته انهي فنڊ مان اسڪول جي مرمت ۽ هيون گهرجون پوريون ڪيون وڃن انهي ڏس ۾ حڪومت سڄوري اسڪول جي هيڊ ماسٽر ۽ ڇوٽ جي ڇڪي مڙس تي مشتمل هڪ ڪميٽي پيرنٽس ٽيچر ايسوسي ايشن پي ٽي اي جو قيام عمل ۾ آندو هو ته جئين ڇوٽ وارا ۽ اسڪول انتظاميه پاڻ ۾ گڏجي مسئلا حل ڪن پر آواز اٽارڻ جي لاءِ تيار ڪونهي پنهنجن ذاتي مسئلن جي لاءِ وڏن شهرن جي پريس ڪلبن ۾ مظاهرا ڪن ٿا بک هڙتالون لانگ مارچ به ڪن ٿا پر ڪڏهن پنهنجي اسڪول جي لاءِ جتي هو پڙهائين ٿا جتان انهن کي روزگار ملي ٿو معاشي مسئلو حل ٿئي ٿو ان لاءِ ڪڏهن به جدوجهد نه ڪئي آهي هڪ اندازي جي مطابق ماسترن جون پگهارون اسي هزارن کان به مٿي آهن انهي سڄي صورتحال جو ذميوار ڪير آهي حڪمران يا عوام

برصغير جي آزادي جو امر ڪردار شهيد هيمون ڪالاڻي

سنڌ جي سلامتيءَ ۾ جن سورمن پنهنجي دور ۾ همٿ پريو ۽ داد لائق ڪردار ادا ڪيو آهي هيمون ڪالاڻي به انهن مان هڪ آهي. هيمون ڪالاڻي جو جنم 11 مارچ تي پراڻي سکر ۾ ٿيو. سن 1 ڏس والد صاحب جو نالو پيسو مل هو جيڪو ٽيڪيداريءَ جو ڪم ڪندو هو. هيمون ڪالاڻي جو اصل نالو راهي هيمن هو. جڏهن ته هيمون ڪيس پيار مان ڪوٽيو ويندو هو.

هيمون ڪالاڻي، جڏهن سموري هندستان ۾ آزادي لاءِ وڙهه جاري هئي ۽ ان وقت جا سورما پنهنجي ڌرتي ماءُ جي آڇپي لاءِ جانين جا نذرانا ڏئي رهيا هئا تڏهن سکر جي هن نوجوان ۾ پڻ سنڌ جي آزاديءَ جي چٽنگ ڏکيل هئي.

1942ع جو دور هو تڏهن سنڌ ۾ حر تحريڪ زورن تي هئي جڏهن ته وچ هندستان ۾ مهاتما گانڌي هندستان خالي ڪريو واري تحريڪ هلائي رهيو هو. اهو اهڙو جذباتي دور هو جو ماڻهن جي دلين ۾ انگريز سامراج لاءِ نفرت جا آڳاٽ پئي ٻرڻ لڳا. اهڙن پڙاڏن کان سکر جو هي نوجوان تمام گهڻو متاثر ٿيو. ان وقت هيمون ڪالاڻي ايجان هاءِ اسڪول جو شاگرد هو. سندس دل ۾ آزادي جي تڙپ ۽ انگريزن خلاف ڏکار هن کي بيچين ڪري وڌو هو.

اها 23 آڪٽوبر جي رات هٿي جڏهن خبر پئي ته فوجين سان پريل هڪ خاص ريل گاڏي اچي رهي آهي جيڪا سکر کان اڳتي گولابارود کٽي ويندي. هيمون کي جاڻ هئي ته اهو گولابارود ۽ انهي ريل گاڏيءَ ۾ سوار فوجي آزاديءَ جي متوالن لاءِ عتاب ۽ قهر ثابت ٿيندا.

جنهنڪري هن ۽ سندس ساٿين انهيءَ ريل گاڏيءَ کي ڪيرائڻ جو منصوبو رٿيو.

هنن گڏجي وڃي ريل جي پٽڙي کي اکيڙڻ شروع ڪيو. ٺيڪ ساڳي وقت تي هڪ سپاهي نالي فيروز خان کين ڏسي ورتو. هيمون جا سمورا ساٿي پڇي ويا پر هميون ڪالاڻي پڪڙجي ويو.

هيمون ڪالاڻي تي بي انتها تشدد ڪيو ويو. ان وقت ۾ جيڪي تشدد ڪري ڏوهه مجرائڻ ۽ ايذائڻ جا طريقا موجود هئا اهي هن ڇيرو نوجوان تي آزمايا ويا. تشدد ڪندڙن کي صرف انهن نالن جي جاڻ گهربي هئي جيڪي ٽرين جي پٽڙي اکيڙڻ وقت ساٿين ڳڌجي آيا هئا پر هن آخر تائين ڪنهن به ساٿيءَ جو نانءُ زبان تي نه آندو. لاڳيتو 22 ڏينهن تائين تشدد ڪرڻ بعد هيمون ڪالاڻي کي نيٺ ڪورٽ مارشل ڪيو ويو. هڪ پيرو بيان دوران ڇپائين ته مون ريلوي لائن کي ان لاءِ اکيڙڻ تي ڇاهيو ته جيئن ان ۾ سوار فرنگي ناس ٿي وڃن. پر منهنجي بدقسمتي جو ناڪام ٿيس. آخر سرڪار ڪيس قاسي ڏيڻ جو اعلان ڪيو. جيڪا شايد هڪ نابالغ هار کي ڏنل پهرين موت جي سزا هئي.

هيمونءَ جي سزا منظور ٿيڻ کان پوءِ سندس وڪيل پيرزادي عبدالستار سندس مامي کي موڪليو ته هيمونءَ کان معافي نامي تي صحيح وٺي اچي ته ڪيس معافي ملي ويندي.

پر هيمونءَ اهڙي معافيءَ کان نابري واري چڏي ۽ ڇپائين ته مون اهڙو ڪو به ڏوهه ڪو نه ڪيو آهي جنهن تي مون کي پڇتاءُ هجي پوءِ معافي ڇاجي؟

جڏهن سندس ماءُ ساٿس ملڻ آئي ته هن به ڪيس اها ڳالهه ڪئي ته معافي نامي تي صحيح ڪري ڏي پر هن سورهيه نوجوان ايئن ڪرڻ کان انڪار ڪري چڏيو. چون ٿا ته هو جيل ۾ خوش رهندو هو. ڪيس بڏايل قاسيءَ جي سزا جو ڪو به خوف نه هو. اتي اڪثر چوندو رهندو هو ته هنن فرنگين کي هن ديس مان پڃائڻو آهي، جي آزاد ٿيس ته ان کان به وڌيڪ ڪم ڪندس جي نه ته پوءِ هڪ بهادر جو موت مرندس.

هيمون ڪالاڻيءَ کي پاڻمرادو معافي نه ڏني وئي، 21 جنوري 1943ع ڌاري هيمون ڪالاڻي پنهنجي عمر جي حساب سان اڃا نابالغ هو جڏهن ڪيس قاسي ڏني وئي. سچ پچ ته هيمون ڪالاڻي اسان سنڌين جي تاريخ جو فخر جوگو، آتساهيندڙ ۽ عظيم ڪردار آهي. اهڙي سورهيائي ۽ ثابت قدمي جو مثال شايد دنيا ۾ نه ملي سگهي جو هڪ معصوم هار تختہ دار تي قاهيءَ جي قنديءَ کي چمي موت قبول ڪيو هجي.

هڪ پيري معافي نامي تي صحيح کان انڪار بعد سندس والدين ڪافي پريشان هئا ۽ هيمون آڏو روئي رهيا هئا ته هيمون جيل انتظاميا کي چيو ته هنن کي باهر موڪليو ۽ پيهر ڪين چئو ته مونسان ملڻ نه اچن چوته ٿي سگهي ٿو ته انهن جا هيٺا حال ڏسي منهنجو حوصلو پست نه ٿئي. هن بعد والدين سان ملاقات کان به انڪار ڪيو هو. مون بطور بي سي جي نمائندي 2007 ۾ ناگپور ۾ 94 سالن جي ديوان جوانٽرويو ڪيو هو جيڪو هيمون ڪالاڻي سان گڏ جيل ۾ هو، ان بڏايو هو ته اسر مهل جڏهن هيمون کي قاهي لاءِ وٺيو پئي ويا ته اسين سپني جيل ۾ نعرا هنيا هئا ته هيمون ڪالاڻي زنده باد، هيمو امر رهندو ۽ هي نوجوان هيمون ڪالاڻي مسڪرائيندو وڪٽري جو نشان ٺاهي اونچي ڇاڪ سان اڳتي وڌندو رهيو. افسوس اهو آهي ته انگريزن خلاف آزادي جي جنگ جي هن نمايا سنڌي ڪردار کي پاڪستان جي ڪوڙي اسلامي تاريخ جي پنن ۾ دفن ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر وقت جي تاريخ ان مير کي مٽائي امر ڪردار کي اڃا گر ڪيو. هندوستان ۾ سندس وڏو پتلو ٻٽائي ڪيس پيٽا پيش ڪئي وئي پر پاڪستان ۾ ڪيس پڇڪ سنگهه جيتري به پذيرائي نه ملي.

ايڊيٽر جي اضافي نوٽ ڪانسواءِ هي مواد واٽس ايپ گروپ ۾ بنا نالي گردش هيٺ هو جيڪو سندس ورسي جي مناسبت سان پڑهندڙن لاءِ پيش ڪجي ٿو

1942ع جو دور هو تڏهن سنڌ ۾ حر تحريڪ زورن تي هئي جڏهن ته وچ هندستان ۾ مهاتما گانڌي هندستان خالي ڪريو واري تحريڪ هلائي رهيو هو. اهو اهڙو جذباتي دور هو جو ماڻهن جي دلين ۾ انگريز سامراج لاءِ نفرت جا آڳاٽ پئي ٻرڻ لڳا. اهڙن پڙاڏن کان سکر جو هي نوجوان تمام گهڻو متاثر ٿيو. ان وقت هيمون ڪالاڻي ايجان هاءِ اسڪول جو شاگرد هو. سندس دل ۾ آزادي جي تڙپ ۽ انگريزن خلاف ڏکار هن کي بيچين ڪري وڌو هو.

اها 23 آڪٽوبر جي رات هٿي جڏهن خبر پئي ته فوجين سان پريل هڪ خاص ريل گاڏي اچي رهي آهي جيڪا سکر کان اڳتي گولابارود کٽي ويندي.

هيمون کي جاڻ هئي ته اهو گولابارود ۽ انهي ريل گاڏيءَ ۾ سوار فوجي آزاديءَ جي متوالن لاءِ عتاب ۽ قهر ثابت ٿيندا.

جنهنڪري هن ۽ سندس ساٿين انهيءَ ريل گاڏيءَ کي ڪيرائڻ جو منصوبو رٿيو.

هنن گڏجي وڃي ريل جي پٽڙي کي اکيڙڻ شروع ڪيو. ٺيڪ ساڳي وقت تي هڪ سپاهي نالي فيروز خان کين ڏسي ورتو. هيمون جا سمورا ساٿي پڇي ويا پر هميون ڪالاڻي پڪڙجي ويو.

هيمون ڪالاڻي تي بي انتها تشدد ڪيو ويو. ان وقت ۾ جيڪي تشدد ڪري ڏوهه مجرائڻ ۽ ايذائڻ جا طريقا موجود هئا اهي هن ڇيرو نوجوان تي آزمايا ويا.

تشدد ڪندڙن کي صرف انهن نالن جي جاڻ گهربي هئي جيڪي ٽرين جي پٽڙي اکيڙڻ وقت ساٿين ڳڌجي آيا هئا پر هن آخر تائين ڪنهن به ساٿيءَ جو نانءُ زبان تي نه آندو. لاڳيتو 22 ڏينهن تائين تشدد ڪرڻ بعد هيمون ڪالاڻي کي نيٺ ڪورٽ مارشل ڪيو ويو. هڪ پيرو بيان دوران ڇپائين ته مون ريلوي لائن کي ان لاءِ اکيڙڻ تي ڇاهيو ته جيئن ان ۾ سوار فرنگي ناس ٿي وڃن. پر منهنجي بدقسمتي جو ناڪام ٿيس. آخر سرڪار ڪيس قاسي ڏيڻ جو اعلان ڪيو. جيڪا شايد هڪ نابالغ هار کي ڏنل پهرين موت جي سزا هئي.

هيمونءَ جي سزا منظور ٿيڻ کان پوءِ سندس وڪيل پيرزادي عبدالستار سندس مامي کي موڪليو ته هيمونءَ کان معافي نامي تي صحيح وٺي اچي ته ڪيس معافي ملي ويندي.

پر هيمونءَ اهڙي معافيءَ کان نابري واري چڏي ۽ ڇپائين ته مون اهڙو ڪو به ڏوهه ڪو نه ڪيو آهي جنهن تي مون کي پڇتاءُ هجي پوءِ معافي ڇاجي؟

جڏهن سندس ماءُ ساٿس ملڻ آئي ته هن به ڪيس اها ڳالهه ڪئي ته معافي نامي تي صحيح ڪري ڏي پر هن سورهيه نوجوان ايئن ڪرڻ کان انڪار ڪري چڏيو. چون ٿا ته هو جيل ۾ خوش رهندو هو. ڪيس بڏايل قاسيءَ جي سزا جو ڪو به خوف نه هو. اتي اڪثر چوندو رهندو هو ته هنن فرنگين کي هن ديس مان پڃائڻو آهي، جي آزاد ٿيس ته ان کان به وڌيڪ ڪم ڪندس جي نه ته پوءِ هڪ بهادر جو موت مرندس.

هيمون ڪالاڻيءَ کي پاڻمرادو معافي نه ڏني وئي، 21 جنوري 1943ع ڌاري هيمون ڪالاڻي پنهنجي عمر جي حساب سان اڃا نابالغ هو جڏهن ڪيس قاسي ڏني وئي. سچ پچ ته هيمون ڪالاڻي اسان سنڌين جي تاريخ جو فخر جوگو، آتساهيندڙ ۽ عظيم ڪردار آهي. اهڙي سورهيائي ۽ ثابت قدمي جو مثال شايد دنيا ۾ نه ملي سگهي جو هڪ معصوم هار تختہ دار تي قاهيءَ جي قنديءَ کي چمي موت قبول ڪيو هجي.

هڪ پيري معافي نامي تي صحيح کان انڪار بعد سندس والدين ڪافي پريشان هئا ۽ هيمون آڏو روئي رهيا هئا ته هيمون جيل انتظاميا کي چيو ته هنن کي باهر موڪليو ۽ پيهر ڪين چئو ته مونسان ملڻ نه اچن چوته ٿي سگهي ٿو ته انهن جا هيٺا حال ڏسي منهنجو حوصلو پست نه ٿئي. هن بعد والدين سان ملاقات کان به انڪار ڪيو هو. مون بطور بي سي جي نمائندي 2007 ۾ ناگپور ۾ 94 سالن جي ديوان جوانٽرويو ڪيو هو جيڪو هيمون ڪالاڻي سان گڏ جيل ۾ هو، ان بڏايو هو ته اسر مهل جڏهن هيمون کي قاهي لاءِ وٺيو پئي ويا ته اسين سپني جيل ۾ نعرا هنيا هئا ته هيمون ڪالاڻي زنده باد، هيمو امر رهندو ۽ هي نوجوان هيمون ڪالاڻي مسڪرائيندو وڪٽري جو نشان ٺاهي اونچي ڇاڪ سان اڳتي وڌندو رهيو.

ڏکيا فيصلا عام نه خاص لاءِ ڪيو

اڳوڻي حڪومت جي خاتمي کانپوءِ ملڪ لڪاتار معاشي خراب حالتن کي منهن ڏئي رهيو آهي جڏهن ته سياسي عدم استحڪام وري ان معاشي بحران کي وڌائڻ جو سبب بڻجي رهيو آهي. موجوده حڪومت جڏهن اپريل ۾ قائم ٿي ته ان وقت کان وٺي اها اڳوڻي حڪومت جي معاشي پاليسين تي تنقيد ڪندي چوندي رهي ته ملڪ کي معاشي طور بحال ڪرڻ لاءِ ڏکيا فيصلا ڪرڻ ڪانسواءِ ڪو چارو ناهي. اسان رياست کي بچائڻ لاءِ پنهنجي سياست جي قرباني ڏئي رهيا آهيون جنهن جو مطلب ته اهي عوام تي مسلسل اهو بار وڌهي رهيا هئا جنهن سان اتحادي حڪومت ۾ شامل پارٽين جي مقبوليت ڏينهون ڏينهن گهٽجي رهي هئي. جيڪا حڪومت آئي ئي ان بنياد تي هئي ته اڳوڻي حڪومت عوام کي جن مهانگائي جي چڪي ۾ وڌهي هوان حڪومت جي دور ۾ به مهانگائي گهٽجڻ بدران مسلسل وڌي رهي آهي ۽ ملڪ جون معاشي حالتون خراب کان خراب تر ٿي رهيون آهن ۽ جيڪڏهن ڪٿان کو قرض يا مدد جو آسرو ملي ٿو ته ملڪ جون سياسي حالتون ان آسري آڏو به رڪاوٽ بڻجي وڃن ٿيون. ڪڏهن پنجاب اسيمبلي ٽوڙي وڃي ٿي ته ڪڏهن قومي اسيمبلي جي ميمبرن جي لاڻ جي صورت ۾ استعيفائون قبول ڪرڻ سان اهو تاثر قائم ٿئي ٿو ته هن ملڪ ۾ سياسي بحران ختم ٿيڻ جو نالو ئي نه وٺندو جنهن ڪانسواءِ ملڪ جي معيشت مستحڪم ٿيڻ جو سوال ئي پيدا نه ٿو ٿئي.

ملڪ جي معاشي ۽ سياسي صورتحال کي ڏسي آءِ ايم ايف سميت عالمي ادارا ۽ دوست ملڪ به مدد لاءِ اڳوات شرط رکي رهيا آهن جنهن ڪري پاڪستان کي ڪٿان به ٽڪڙي امداد يا قرض جو آسروناهي. ان جو هڪ سبب اڳوڻي حڪومت طرفان آءِ ايم ايف سان ڪيل معاهدي جي پڇڪڙي ۾ چيو وڃي ٿو. جنهن ڪري آءِ ايم ايف بجلي گئس جا اڳهه وڌائڻ سميت نوان ٽيڪس لڳائڻ لاءِ چئي رهي آهي. جڏهن ته سعودي عرب جهڙا دوست ملڪ به چئي رهيا آهن ته جنهن ملڪ کي قرض ڏجي يا مدد ڪجي ته انهن آڏو شرط رکجي ته اهي معاشي سڌارا آڻين. اسان وٽ معاشي سڌارن يا نوان ٽيڪس لڳائڻ جو مطلب غريب هيٺئين ۽ وچين طبقي تي وڌيڪ بار وڌهڻ ئي هوندو آهي. ڇاڪاڻ ته جڏهن به نوان ٽيڪس لڳايا وڃن ٿا ته اهي سڌا ٽيڪس پگهاردار طبقي تي لڳن ٿا يا وري اڻ سڌن ٽيڪسن جو بار غريب ماڻهن تي پوي ٿو جڏهن ته هن ملڪ ۾ اميرطبقو سدائين انهي ٽيڪس جي پئسن مان مراعتون حاصل ڪندو رهيو آهي. اسان جي ملڪ ۽ عوام جي اها بدقسمتي رهي آهي ته غريبن کان ٽيڪس وٺي اهو اميرن تي خرچ ڪيو وڃي ٿو انهي ۾ حڪمران ڪلاس به اڇي وڃي ٿو ته بيوروڪريسي به انهن مراعت يافته طبقي ۾ شامل آهي. هن وقت گئس ۽ بجلي جا اڳهه وڌيل آهن جڏهن ته آءِ ايم ايف اڃا به اهي وڌائڻ جي فرمائش ڪري رهي آهي ۽ جڏهن زميني حقيقتن تي نظر ڦيرائبي ته اڄ به بيوروڪريسي کان وٺي حڪمران طبقي کي اهي سهولتون مفت ملي رهيون آهن ۽ وڌيڪ اڳهه جو بار عوام برداشت ڪري رهيو آهي. ايئن ٽيڪس چوٽ وري وڏن صنعتڪارن، ريئل اسٽيٽ وارن ،واپارين کي ڏني وڃي ٿي جڏهن ته حڪمرانن جي رهٽي ڪهٽي الٽي ويهڻي تي به ملڪي معيشت جي پرواهه ڪرڻ ڪانسواءِ بي تحاشا خرچ ڪيو وڃي ٿو جنهن ڪري ئي ملڪي معيشت سدائين قرضن تي پاڻيندي رهي آهي ۽ هاڻي قرض ڏيندڙ به معاشي سڌارن جا مطالبا ڪري رهيا آهن.

اسان سمجهون ٿا ته معاشي سڌارن تي ٻين جي مطالبي بدران اسان کي پاڻ ئي قدم وڌائڻ گهرجي پر اهي معاشي سڌارا سدائين وانگر اهڙا نه هجن جن مان امير ۽ حڪمران طبقو پاسيرو ٿي وڃي ۽ سڄو بار عام ماڻهو ۽ مڊل ڪلاس تي پئجي وڃي جيڪو اڳ ئي هن مهانگائي جي طوفان ۾ مشڪلاتن ڪي منهن ڏئي رهيو آهي. تنهن ڪري جيڪڏهن ملڪ کي معاشي طور پاڻيرو ڪرڻ ڏانهن وٺي وڃڻو آهي ته امير ڪان وٺي غريبن کي ڏيڻو پوندو پر معيشت جي بهتري جو ڪو امڪان نظر نه ٿو اچي.

نيون حقيقتون سامهون اچڻ تي ضمني ريفرنس به احتساب عدالت جي اجازت سان داخل ڪري سگهي ٿو. اڪائونٽ منجمد ڪرڻ جا جاري ٽينڈرڊ حڪم به هاڻ نيون لاڳاپيل عدالتون ٿي ختم ڪري سگهن ٿيون. ٻئي پاسي آمريڪي سائفر ڪيس سردار طارق مسعود 24 جنوري تي ڪنوء درخواستون مبينا عالمي سازش ڏيڻ جي الزام جي تحقيقات ڪري رهيو آهي. هن چيو ته جيڪڏهن پيپلز پارٽي جائز لاءِ مقرر ڪيون ويون آهن. چيمبر اپيلن جي هڏڻي جسٽس سردار طارق مسعود 24 جنوري تي ڪنو

بقايا سنڌيار 01

ايسان جي پر واري گوٺ ميرمحمد کوسي جا رهواسي جن سان ايسان جو ڪو به تڪرار ناهي ان جي باوجود به ايسان جي گوٺ جي اسڪول پويان هٿيار ڪٽي اڇي فائرنگ ڪن ٽا جنهن سبب اسڪولي ٻارڙن توڙي گوٺ جي ماڻهن ۾ خوف و حراس ڦهلايو ٿو وڃي ايسان جا ٻارڙا خوف سبب اسڪول به ٿا وڃي سگهن ڪجهه ٽائيم پهريان اسڪول جي پويان ڪن نامعلوم چور ايسان جون سولر پليٽون ۽ چوري ڪري ويا آهن جنهن جي ٽائپي ٿي رپورٽ ٿڪ ڪرائي آهي ۽ گوٺ جي چڱن مڙسن کي دانهون ۽ ڏنيون آهن پر هي مڙن ٽي ٿا ايسان جي گوٺ جو سڪون تباهه ٿي ويو آهي پوليس به ڪا ڪارروائي ناهي ڪري سگهي ايسان ايس ايس پي شهيد بينظيرآباد، ڊي آئي جي شهيد بينظير آباد، ايس ايڇ او قاضي احمد سميت پين وس وارن کان گهرٽا ڪيون ته ايسان جي معصوم ٻارڙن جو مستقبل داءُ تي لڳڻ کان بچائڻي ڏوهاري قسم جي ماڻهن خلاف ڪارروائي ڪري ايسان جي گوٺ مڙن بنا جواز فائرنگ ڪرڻ جي الزام تحت گرفتار ڪري ايسان سان انصاف ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 02

ويا، پوليس عوام جي جان ۽ مال کي تحفظ ڏيڻ ۾ مڪمل طور تي ناڪام. ڏڙو لڳ بڪ موري ۽ حسين پور ۾ نامعلوم چور هلندڙ ٻلي واري ٽي گوٺ ڏورو ڏماڇ جي رهندڙ طفيل ڏماڇ ۽ فيصل ڏماڇ کان هٿيار جي زور تي موٽرسائيڪل روڪ رقم ۽ پيسو سامان ڦر ڪري ويا، ان ڏس ۾ گوٺاٽين سڪندر علي گگو، ڊاڪٽر عبدالغفور گگو، سماجي اڳواڻ آفتاب احمد گگو، مختيار علي ڪوڪر ۽ ٻين بدامني جي وڌندڙ واردات خلاف سخت احتجاج ڪندي چيو ته مقامي پوليس جي ناهلي سبب ڏوهاري ٽولا سري عام شهرين کي ڦري ۽ لٽي رهيا آهن، چورن جي گروهه بڪ موري ۽ حسين پور مان بجلي جي هلندڙ 11 هزار واري مين سپلائي ڪي بند ڪري ٽرانسفارمر ڪي هيٺ ڪيرائي سوين ميٽر تارون ۽ ٽرانسفارمر لاهي چوري ڪري ويا آهن، موٽرسائيڪل ڦر جا واقعا ٽيڻ روز جو معمول بڻيل آهي، جنهن سبب عوام مڪمل طور تي عدم تحفظ جو شڪار ٿيو ويو آهي، هتن آئي جي شهيد بينظير آباد، ڊي آئي جي سنڌ، ڊي ايڇ آباد ۽ ايس ايس پي سجاول کان مطالبو ڪيو ته ڏوهارين خلاف سخت ڪارروائي ڪري عوام کي تحفظ ڏنو وڃي.

بقايا سنڌيار 03

مسافرن مٿان ڪري پٽي، جنهن جي نتيجي ۾ 2 عورتون فوت ٿي ويون. پوليس موجب فوت ٿيل عورتن جي سڃاڻپ شهرو ماچي ۽ پاڻ پري باگ طور ٿي آهي. جڏهن ته سوزوڪي ڪلينر سميت 2 ڇٽا زخمي ٿي ٻيا. ڪبيراٽي پوليس فوتي عورتن جا لاش ۽ زخمين کي ڪنائي تعلقي اسپتال پهچايو. جتان ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو جڏهن ته ٽرڪ ڊرائيور سڄن کي گرفتار ڪري ٽرڪ کي تحويل ۾ وٺي چڪو آهي.

بقايا سنڌيار 04

جا وڪيل سراڀا احتجاج بار جي صدر محمد اياز مري ۽ سينئر قانونڏان ۽ ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن نوشهرو فيروز جي آڳوٽي جنرل سيڪريٽري ايڊووڪيٽ امرامتياز، آڳوٽي نائب صدر شير محمد اڇڻ جي آڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جنهن ۾ جيو ويو ته ايس ايڇ او ايڙان اسلم سومرو ايڊووڪيٽ صدام ٽڪڙ جي پائيٽي ۽ پاڻ کي زوري ڪنپي گر ڪيو ۽ پنگ وٺي چڙيو ۽ وري پنگ وڌڻ لاءِ سندن مٿان ڪوڙي FIR ڪري وڪيل صدام ٽڪڙ کي موٽر سائيڪل ڦرڻ جو ڏمڪين ڏني سخت نتيجا پوڳڻ لاءِ چيوا وڪيل آڳواڻن احتجاج کندي ڊي آءِ جي شهيد بينظير آباد ۽ ايس ايس پي نوشهروفيروز کان گهر ڪئي بد مست ايس ايڇ او ڪي نوشهرو بدر ڪيو وڃي ۽ ڪوڙي FIR اختر ڪيو وڃي

بقايا سنڌيار 05

موت نشي جو وڌيڪ مقدار واپرائڻ سبب ٿيو آهي.

بقايا سنڌيار 06

شاعر هو جيڪو هڪ غريب گهر ۾ پورهيو ڪري پليو ۽ پڙهيو ۽ هن ڪميشن پاس ڪري اردو ۾ ليڪچرار طور پرتي ٿيو پر بدقسمتي سان هو هڪ ڪِڇهارت بنيل حادثي جو شڪار ٿي ڏاڪڻي سنڌ جي تعليم جو ڏيئو سامي ويو هن وڌيڪ چيو ته سنڌ تي هڪ اهڙو ظالم طبقو حڪمران آهن جنهن ڪي سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن سان ڪو به واسطو ناهي جن جي ڪريشن جي ڪري سموراً ادارا سموراً روڊ تباه حال بنيل آهن جنهنڪري سڄي سنڌ جا تعليمي ادارا صحت جا ادارا تباه ۽ برباد ڪيا ويا آهن هي پاسي سنڌ جا روڊ ته ڪوس گهر بنيل آهن جنهنڪري روزانو ڪيترائي ماڻهو قتل ٿين ٿا پر ڪو به انتظام يا قانون ناهي جو روڪي ته هي موت جو راڪاس روڪي سگهي. مظاهري ۾ گهر ڪئي وئي ته گاڏي کي پڪڙي ۽ ان ڊرائيور کي گرفتار ڪري.

بقايا سنڌيار 07

جو ٻائر پوليس اهلڪار مٽل اڇڻ ڊي سي آفيس نوشهروفيروز جو ملازم لياقت اڇڻ شهزاد و عرف مغل اڇڻ هٿيارن جي زور تي ايسان مٽان تشدد ڪيو جنهن تي ايسان سخت مزاحمت ڪئي جنهن تي پوليس اهلڪار مٽل اڇڻ ايسان مٽان پستل جا فائر ڪيا جڏهن ته ايسان معجزاتي طور محفوظ رهياسين وڌيڪ گوٺاٽين جي اڇڻ تي حملي آور پڇي ويا هنن چيو ته ايسان غريب آهيون زمين ايسان جي آهي جنهن تان هٽ نه ڪٻڻ تي سنگين نتيجا پوڳڻ جون ڏمڪيون ملي رهيون آهن جڏهن ته ٽاٽي تي ڪينراٽي ڪلاڪ ويٺا آهيون نه ايس سي نه ٽي ڪا ايف آءِ آر حملي آورن مٽان داخل ڪئي ٽي وڃي هنن ايس ايس پي نوشهروفيروز عبدالقيوم پتائي کان حملي آورن مٽان ڪيس داخل ڪري گرفتاري ۽ تحفظ جي اپيل ڪئي

بقايا سنڌيار 08

ڊ بهتري لاءِ ڪنيل قدمن جي واڪاڻ ڪئي ان سلسلي ۾ جاري ڪيل پريس بيان موجب سنڌ اسيمبلي جي ميمبر فقير شير محمد بلالاڻي ٽر ڪول بلاڪ ٽو ۾ ٽر فائونڊيشن طرفان قائم ڪيل بنيادي صحت لاءِ ڏنل سهولت ماروي ڪلينڪ جو دورو ڪيو. دوري دوران ايم پي اي فقير شير محمد بلالاڻي ڪلينڪ تي ايندڙ مريضن ۽ ڊاڪٽرن سان گڏ ڪاڻ پوليو ڪري ٻڌايو ته ڪلينڪ جي متعلق تفصيل ورتا، جنرل مينيجر ٽر فائونڊيشن فرحان انصاري ڪيس ٽر فائونڊيشن جي سماجي پلاڻي وارن قدمن بابت بريفنگ ڏني، ايم پي اي فقير شير محمد بلالاڻي ٽر فائونڈيشن جي علاقتي اندر صحت جي بهتري لاءِ ڪنيل قدمن کي ساراهيو ان کان اڳ فقير شير محمد

نه ڏيڻ تي سنڌ سرڪار لاءِ شڪايتون ڪيون

بقايا سنڌيار 16

بن وس وارن کان مطالبو ڪندي چيو ته فوري طور ملازمن جا جائز مطالبا منظور ڪري انصاف ڪيو وڃي نه ته پ صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو

بقايا سنڌيار 17

جي جنرل سيڪريٽري رحيم بخش ڪوسو، اعظم خان ڍومڪي، بابو احسان پتو، ڊاڪٽر عثمان سرويچ، ح مظفر لغاري، وحدت المسلمين ضلع سجاول جو اڳواڻ حاجي مظفرعلي لغاري، واپاري نياز ميمڻ، نثار ميمڻ، شاعر اياز امرشيخ سياسي سماجي اڳواڻن صحافين ، پان برادري ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، ان موقعي تي سياسي سماجي ۽ مختلف تنظيمن جي اڳواڻن صحافين ۽ شاعرن مرحوم يونس پان کي لفظن جي پيٽا پيش ڪندي چيو ته يونس پان ڪڏهن به ڪنهن ظالم جابر کنهن وڏيري اڳيان نه جهڪيو هو پاڻ غريبن مسڪينن ۽ سجاول جي عوام لاءِ مسيحا هو ۽ ظالمن وڏيرن بيوروڪيٽس جي اک ۾ ڪنڊو بنجي رهيو پاڻ جدوجهد جي ميدان ۾ سدائين ثابت قدم رهيوآهوئي سبب آهي جو اڄ به هر ماڻهو ڪيس ياد ڪري لڙڪ هاري ويهندو آهي اڄ به سندس چاهيندڙ سندس سائي ۽ شاگرد سندس وات تي هلندي ميدان ملهائيندا رهن ٿا سندس وڇوڙي کي پورو سال گذري چڪو آهي پر اڄ به استاد يونس پان هر دل اندر زنده آهي ۽ سندس عظيم ڪردار مشعل راهه بنجي صدين تائين سجاڳي جا نوان دڳ سيکارينڊو رهن

بقايا سنڌيار 18

هٽيارينڊ هاٿي به ڏمڪيون پيا ڏين رياض سولنگي ، عرفان ، ديدار ، قرار ۽ سوڊو سولنگي وارن مون کان منهنجي وڏي ڏيءُ جو رشتو گهريو هيو نه ڏيڻ تي هٽيارينڊ ساڻ ڪري گهر تي حملو ڪري منهنجي معصوم نياڻيءُ کي اغوا ڪري زبردستي نڪاح ڪري سائس زنا ڪئي پٽي وڃي جيڪا وڏي زيادتي آهي هن مطالبو ڪيو ته نياڻيءُ کي بازياب ڪرائي ڦر ڪيل ٻڌا ۽ سونا زيور واپس ڪرايا وڃي ۽ تحفظ سان گڏ انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 19

سنگت سنڌ جي سيڪريٽري جنرل ڊاڪٽر مشتاق قل صدارت ۾ ٽي گذري، مهمانن ۾ محمد يوسف جويو، مخدوم زاهد ملڪاڻي، مظهر خاصخيلي، ممتاز خادم ميمڻ، رضا لاشگاهه، رفيق بلوچ، صوفي غلام مصطفيٰ مگسيجو، ذوالفقار گاڏهي، گلهٔ خان پند شامل هٿا، سنڌي ادبي سنگت سنڌ جي مرڪزي سيڪريٽري جنرل ڊاڪٽر مشتاق قل جيو آهي ته مجتبيٰ ' غالب جي ادبي شخصيت سنڌي ادب تي غالب رهي، هو نثر ۽ نظر تي دسترس رکندڙ استاد الشعراء شاعر هو هن جا ڇپيل ڪتاب سنڌي ادب جو اثاثو آهن، نامور ليکاري محمد يوسف جويو چيو ته مجتبيٰ ' غالب هڪ عالم منڪر هو جنهن جو مطالعو ۽ مشاهدو وڏو وسيع هو جنهن انسان کي تاريخ ۽ اسلامي فلسفي کان آگاهه ڪيو، هن جو ڪتاب مشهور مسلمان فلسفي وڏي اهميت جو ڪتاب آهي الطاف ملڪاڻي جيو آهي ته سائين احمد مجتبيٰ ' غالب روشن خيال شاعر، اديب ۽ مفڪر هو، جنهن پنهنجي علمي ادبي لکڻي جي ذريعي سنڌ جي نوجوانن جي شعور جي آبياري ڪئي، سنڌي ادبي سنگت سنڌ جي مرڪزي جوائنٽ سيڪريٽري شبير سيال سنڌين جون نوڪرين به ڏارين، غير ملڪي دهشتگردن کي ڏنيون ويندیون. وفاقي حڪومت ۽ ويلفيئر ڪريين رپين جي ڪريشن ڪنڊ وزيرن، مشيرن ڪرپشن وسيلي ملڪ جو ڏيوالو ڪديو ڇڏيو آهي ڪرپٽ حڪمرانن ملڪي معيشت آئي ايم ايف ڇڏيو آهي، هاٿي مهانگائي جو طوفان آڻي سنڌ سميت ملڪ جي غريب مسڪين عوام کان هڪ ويلو مانيو جو به ڪسيو پيو وڃي. ملڪ جا حڪمران پڙهيل جي سنڌ ۽ آباد ڪارائڻ لاءِ بدنيتي تي مبني ڊجيٽل آدمشماري ڪرائي رهيا آهن. پڙهيل ڪي سنڌ ۾ ووٽ ڏيڻ ۽ اليڪشن ۾ بيهاري ڪين ڪنرائي سنڌ اسيمبلي ۾ آڻڻ لاءِ هي آدمشماري ڪئي پئي وڃي. هن بدنيتي تي مبني آدمشماري ذريعي غيرقانوني طور سنڌ ۾ رهندڙ پڙهيهين ڪي سنڌ جو شهري ڪري ڳڻيو ويندو جنهن ڪري سنڌ ۾ سنڌي دائمي طور اقليت ۾ تبديل ڪرڻ جي سازش آهي لساني سياست ڪندڙ حڪومتي اتحادي دهشتگرد ڏر جي فرمائش تي آدمشماري ڪرائي پٽي وڃي ۽ آدمشماري ڪرائڻ لاءِ اڳ ۾ اختيار ڪيل اصولن جي پڇڙوي ڪندي ڊي فيڪٽو وارو طريقو اختيار ڪيو پيو وڃي. جنهن موجب ماڻهو جتي ايندڙ ڏينهن ۾ ڪنهن به علاقتي ۾ رهڻ ٽي ٽائن ۽ ٻين قبضاگير ڪالونين ڏاهي جي ڪري ڪنهن به ڪنهن جي ڪنهن به ڪنهن جي ڪنهن به ڪنهن جي